پکي اُڏاميو ديسِ

(هوءَ، تونُ ۽ مان)

منوهر بيدي

پکي اُڏاميو ديس

هوءَ تون ۽ مان

سهڪار
پبليڪيشن
اُلهاس نگر
٤٢١٠٠٥

منوهر بيدي

"هُنَ" جي نڌر ... ...

اَفسوس !

زماني جون رسمون.

جنھنجو نالو.

ظاھر ڪرڻ جي بہ،

اِجازت.

نہ ٿيون ڏين !

وِيوگَ ڪان وَيراگَ تائين:-

نيڻن نيڻن ڪِي ڇھيو،

لڳو پريم جو روگ !

روگ ٿيي ڪندن ٿيو،

بڻيو باھِ وِيوگ !!

هوءَ هوءَ هئي تون تون آهين.

هوءَ خواب هئي تون حقيقت آهين.

هوءَ حسرت هئي تون حاصل آهين.

هن پيار سيکاريو تو جيئڻ سيکاريو.

بي

توهان ٻنهي جي حسين جلون،

يڪمشت ٿي.

صفحِ هستيءَ تي آندو :

مان

١

کنهنکي حال ٻڌايان مان دل بيقرار جو ،
مون آ ڪشمڪش ۾ ٿي زندگي سڄي گذاري .

اڄ ڇو منهن مان ڪسڪيو راز ڏٻايل دل جو ،
موٽي وڃڻ جي واپس شايد آهه نباري .

تنهنجي گِلا ڪيان مان مجرم ٿي سوچيان ٿو ،
وفا جي آس ۾ اڄ آ لڳي جفا پيي پياري .

تنهنجو حسن ڪريٿو راز ڪشش جو ظاهر ،
دل وانگر منهن پيي ڪئي مون سان آ غداري .

٢

اُلفت جي سنسار جو آهي نيمُ عجيبُ !
ڪٿان جون ٿو دليون ڪٽي آٽي ڪٿي نصيب !!
مان هڪ ٻارُ غريب ، ڦاٿس تنهنجي ٻنڌهه ۾ !!

ڪل ڪهڙي مون کي هئي ، دل جا لکه آزارَ ،
رنڌيون ٻارڻيون اُهي ، ڏينديون روڳ هزار ،
چيندا سڀ ٿي خارَ ، قول لڳا جي پيار جا !

تنهنجي مُرڪ گلاب جيان ڏيئي وَئي فريبُ ،
منهنجي من جي مؤج تي کِلي رهيو هو غيب ،
هو ڇا ڪوئي عيبُ ، منهنجيءَ اُن جذبات ۾ ؟

ٻَڪّ هُئي ملندو مون کي ، پيار جي بدران پيار ،
قدر وفا جو ڪجهه ڪندو هي ظالم سنسار ،
ڪين خبر هئي ٻارُ ، ٿيندو جذبو پيار جو !

٣٠-١٠-١٩٩٧.

پيارا متر،

جڏهن وقت منهنجو ڪتاب هٿ ۾ کڻين ۽ پڙهڻ جي چاهنا چت ۾ ڌري کولين، اُن وقت مون کي بلڪل - بلڪل پلائي ڇڏ جانءِ! مون کي پلائي ڇڏجانءِ ۽ ڪتاب سان هڪ ٿي وڃجانءِ ته آنند پرڀا وچتر وچتر اُنڀوَ پراپت ٿيندءِ! پاڻ کي هلڪو ۽ معنت محسوس ڪندين چوته تنهنجي وچار-ڌارا توکي ان استان ڏانهن وٺي ويندين. جتي سنساري بوجهن جو نالو نشان به ڪونه آهي، ڏهن ٿي ڏسائڻ ۾ آنند ميه سنگيت جون لهرون نرنيمان آهن.

پيارا متر! مان (شرير) ته وير-وهوڙ، پنهنجي - پرائي جي پاونا، غلاظت، اوگڻ، دوش، سوارٿ، هيڄ، لالچ، چالبازي، فتناگيري ۽ نامعلوم ڪهڙين ڪهڙين خامين سان ڀربو پيو آهيان.

منهنجين رچنائن جي پريرنا منهنجي شرير جون طلبون نه بلڪ آتمڪ اُجالا آهن جن جو سنبنڌ ان شڪتيءَ سان آهي جيڪا ڪٽ ڪٽ ۾ وياپڪ هوندي به ڏسڻ ۽ ڇهڻ جي حدن کان ڪافي - ڪافي دور آهي.

(٦)

تنهنجون ٻانهون ڪاش! مون لئه ڪجهه سهارا ٿين ها،
منهنجا ڳوڙها تنهنجيءَ چنريءَ جا ستارا ٿين ها.

ناز تنهنجا مون سنا جيئن هر دفعي مرڪي ڪري،
تيئن ئي منهنجا عيب ٻيي توکي گوارا ٿين ها.

(٧)

ڪرين ها جي ڪرم مون تي نه دل بيزار ٿئي ها،
منهنجي هر آرزو مون لئه نئي هڪ آزار ٿئي ها.

مجبوسي، دل ڪان ٿي مجبور ويچهو ٿيڻ ٿون دشمن جي،
پنهنجا جلوه لڪائين ها نه ڪو بيمار ٿئي ها.

پر تنهنجين وفائن جو متاثر ڪيڻ آ مشڪل،
پوءِ رسوا صرف عاشق ئي سرِ بازار ٿئي ها.

عذر چاهي ڪرين ڪيڏا نه هاڻي اعتبار ايندو،
هجين ها دل-شناس ته سڪ جو هيئن واپار ٿئي ها.

(٨)

نيٺين نه ننڊ ايندي توکي ڏسڻ بنا،
دل کي نه چين ملندو ترقڻ ليڇڻ بنا.

منهنجيءَ وفا ۾ توکي ڪجهه ٻيي گمان جي آ،
هر ڪو ستم مان سهندس ڪجهه ٻيي ڪيڇڻ بنا.

روئمان نه لوڪ ڪلندو، چپ ۾ ٿي دل جلي،
رستو ٻچيو نه آ ڪو مون لئه مرڻ بنا.

مونکي ڏک اِن جو فقط، تو به سمجهيو ڪين،
تو لئه ڪيترو پيار آ، اِن کي ڄاتو ڪين،
گلي سان لاتو ڪين، پنهنجي ديواني کي تو!

(٣)

تنهنجا نيڻ جهڪيا مس، گهٽجي وئي رفتار زماني جي،
تو جي نهاريو رهجي نه ضرورت دنيا کي ميخاني جي.

مخروتي ڇاتيءَ تان منديءَ تنهنجي پوتي سرڪي وئي،
ڄڻ نه بدن تان، چانڊوڪيءَ جي لهر اچانڪ ترڪي وئي.

(٤)

ديهه تنهنجيءَ تي قبي تي ان طرح ساڙهي سفيد،
شمع تي ڄڻ ڪنهن وِڌو آ، ڌس نه پاڻيءَ جو نقاب.

تون هميشه منهنجي پير جو وبه پر شرماتجي،
حسن جي آسون پارس آ لا آڪڙين جو حجاب.

اپسرائون پي لهجي تي ڪيٿ وجهي تو کان لڪيون،
تنهنجيءَ هڪڙيءَ پي آدا جو نا هيٺ هُنِ ڪيٿ جواب.

ايترا جلوه به ڇا اِنسان جي تي نٿا سگهن؟
تون حقيقت آهين پوءِ پي تي لڳين ڄڻ ڪوئي خواب.

(٥)

نگاهون شربتي تنهنجيون زهر کان پي تلخ آهن،
نه پوڇو درد ٿيون بخشن نه پوڇو درد ٿيون لاهن.

ضرورت ناهي ساوڻ جي بهارون پي نه ٿيون گهرجن،
اکين ۾ اشڪ آرب آهن، جگر تي داغ لکه آهن.

آهيان مان بيقرار، ستارو پڇيو نه ڪُجھ.
دل آ شڪر هزار، ستارو پڇيو نه ڪجھ.

ڇا ڇا ڏٺا نه خواب مون تو سان ملڻ کان اڳُ،
هر جذبو ٿيو آ بار، ستارو پڇيو نه ڪجھ.

ڦولن جي آرزوءَ ۾ مون پنهنجن هٿن سان ٿي،
پاتو ڪنڊن جو هار، ستارو پڇيو نه ڪُجھ.

ڏوکا، فريب، اشڪ مليا، نفرتون مليون،
ڇا ٿيو مليو نه پيار، ستارو پڇيو نه ڪجھ.

سوچيان ٿو، تو مٿان ڇو مون دل کي ڪيو نثار،
منظر وِڌو هو ڄار، ستارو پڇيو نه ڪُجھ،

تارن ۾ ماهتاب ۾ ڪنهن کي ٿو ڳولهيان،
ڪنهنجو آ انتظار، ستارو پڇيو نه ڪجھ.

۱۲

درد واريءَ رات ۾ اَڄ مان جَلان ٿو شمع وانگر.

هاءِ، پروانن جيان پيا ٿا جلن ارمان دل جا.
۽ اُڏائي خاڪ منهنجي گيت جو سينگار آهي!
گرم ساهن جي هندوري ۾ لڏي هر گيت ٻولي:
ڇو زماني ۾ ٿيو اڄ پيار ئي آزار آهي؟
سوز جي برسات ۾ اڄ مان جَلان ٿو شمع وانگر!

اوچتو اڌ رات جو جاڳي ڪڏهن سوچيندو آهيان:
مان جلان ٿو يا جلي ٿي ياد تنهنجي سيني اندر!
ڇو ته تو کان الڳ ناهي منهنجو ڪوئي وجود،
ڇو ته تنهنجي ئي اچڻ سان دل بڻي آ هڪڙو مندر!
ڇا پنهنجيءَ ئي تات ۾ اڄ مان جلان ٿو شمع وانگر!

(٤)

مُرڻ جِئڻ جيئڻ ۾ آهي مزو نه ڪو،
تن ۾ نه جانِ پوندي تنهنجي اچڻ بنا.

هيءَ باهه اُبهه جي، گرمي هوَس جي نه آهه،
سڀ خاڪ ٿئي جلي ٿو، ڪجهه پي جلڻ بنا.

(٩)

دل توکي سؤ بار پڪاري،
هر هر ويني وات نهاري.
چِت چهبو هي اُچلون ڏيئي،
وينو لڪه لڪه ڳوڙها ڳاري.

١. دل ڏيئي دکُ موٽ ۾ پاتم، روگ لڳو پر ڪين سڃاتم.
هوش نه ڏهن ڪجهه مون کي آيو، جڏهن مان وبنس بازي هاري
دل توکي... ... ...
٢. ديپ جليٿو پتنگ جلن تا، خاڪ بڻجي هوُ پوءِ ڪلن تا.
نيڻن جي راهه رکن تا روشن، پاڻ ٿي پنهنجو پاڻ کي ساري
دل توکي ... ...
٣. مان به رُئان ٿو، مان به جلان ٿو، پنهنجي حال تي پاڻ کلان ٿو
پيهري پيهري درد سهان ٿو، ملڻ -آس جي فقط سهاري
دل توکي ....

(١٠)

ياد ڪيان ٿو پلجڻ لئه پر توکي پلجڻ مشڪل آهه،
پربت ناهي پٿر ناهي، هيءَ دل آخر پي دل آهه.

شمع جلي پل ڪڏي روشنيون، روپ تي رهجي جڳه ساره
پروانن لئه جلڻ مئع هيءَ متوالن جي محفل آهه.

عشق جو دريا، دل جي ڪشتي، اُبري آهه ٻڏڻ جي لئه
اج هرڪو ڪپ بڻيو آهه، آنڌي، طوفان هرڪو ساحل آهه

(11)

پنا آشڪن جي عشق آهي، جيئن پاڻيءَ بنا دريا.
وگرنا عشق وارن سان اِئين ٻيڊا ڇو ٿئي ها.

(١٥)

آنسن جي هر بوند ۾ ڏٺو پنهنجي جو روپ.
پيو پيو آشڪن سندو عاشقو! امرت انوپ.

نانءُ هئو جنهن پنهنجي تي اُن ۾ ٻنا هيو ڪين.
جل ۾ ڪيئن جيئري رهي پرين جي پياسي مين.

ڦول ٿريا. پونئرا ڪليا. لڳو ڏڪڻ جو واءُ
ڪنهن ۾ سماتو ڪين ڪبي. مون برهيءَ جو تاءُ.

اڪثر يئن سان اُٿي جي وبو. تنهنجي روپ جو جارُ،
جنڊڙيءَ سان جوڙي ويو. برهه جو پياري بارُ.

مِٺڙيا ميگهه پنهنجا، وسي برهه. برسات،
ڪلهه ميلاپ جو ڏينهن هو، اڄ روڄ جي رات.

اڪثر جون مکڙيون ٿريون. ڏسي بسنتي وارَ،
ويون سي اڄ مرجهائجي. چُڀيا برهه جا خارَ.

اڪثر جون مکڙيون ٿريون. لڳو پنهنجي جو واءُ،
سڙي ٻري سي اڄ ويون. سهي برهه جو تاءُ.

ٿُتل سونهن جي سمنڊ ۾ اڙي بانورا. جاڳه،
چڙهه در تون دلدار جو وٺ جهنگل جو ماڳ.

(١٦)

خود شناسيءَ جو ٿيو آغاز آ،
عشق چاهي؟ سوز جو پرواز آ.

• ماڻ: ڇا لاءِ منهنجي پيار کي چرچي ۾ اُڏايئه ؟
• هوءَ: ڇو عشق جو تنهنجي نالو وٺي خود کي لڪايئه ؟

• ماڻ: مون کيو آ پيار، پيار ۾ لڄ ڪرڻ جو مطلب
• هوءَ: صورت ۽ زر بغير ڪنهن مرڻ جو مطلب

• ماڻ: دؤلت جو، شڪل رنگ جو اُلفت سان ڪو رشتو ؟
• هوءَ: ڇا جو پوءِ پنهنجو غير جي چاهت سان ڪو رشتو ؟

• ماڻ: دل ـ دڳ ۾ تنهن کي پراوا ملي پنهنجا ٿين ٿا.
• هوءَ: عاشق سدائين حسن کي اِئين ڏوڪا ڏين ٿا.

• ماڻ: ڏوڪا ؟ متڙهيو ٿا عشق تي ڏوکي جو ۽ الزام !
• هوءَ: بدنام عشق آهه ازل کان ئي سڀ عام !

• هوءَ: جي تاب نه آ عشق ۾ جلون کي سهڻ جي،
ڇو حسن جي آتش ۾ سُڪل جان ٿو جلائي ؟

١٤

ملي ها پيار جي تنهنجو نه دل ناشاد ڇو ٿئي ها،
وڃي جي نه ها هيءَ مالي چمن برباد ڇو ٿئي ها.

محبت جي مقدر ۾ لکيل رسوائي هئي ورنا،
ڪوئي نخچير ڇو ٿئي ها، ڪوئي صياد ڇو ٿئي ها.

جگر تي داغ ٿيا ها، اکين مان وسيا ها ڳوڙها،
سنائڻ جو نئون رستو ورنا ايجاد ڇو ٿئي ها.

ڪوئي جذبات جاڳائي لڳي ويو پوءِ نگاهن کان،
نظر جي دام جو قيدي نه ته آزاد ڇو ٿئي ها.

٢. وِڇايون مون پلڪون رکي پير اَ تون،
پيين سَڄُ نه ڏُکَ ڏاڍا تو بنِ سٺا مون.
ملي آ، ملي آ، محبّت جي ديوي!
گلا تون ڪندس ڪين منهنجو مَٽُ جون،
وڇوڙو به مون لئه پوءِ ورڌان ٿيندو
ڪڏهن ... ...

(١٩)

ڪڏهن ابن ڏينءَ، اُجهامڻ ٿي آ سمجهي! جوت جيون جي،
وئي آ توسان گڏ وڇڙي، سدوري! تنب نيڻن جي.

١. ستارن ڪان اچي پيچ، ڪيئن مان وقلان تو وِڇوڙي جو.
لُڏن ٿا ڪيئن نه گوڙها هاءِ! اکين جي هندوري جو.
رهي سُڌ ڪين آ مون کي، پراون جي ۽ پنهنجن جيا،
وَئي آ ... ...

٢. اِهو ٻُڌي ڏوهه ٿيو منهنجو، خطا پي ٿي اِها آخر،
ڏٺر، چاهيم، وهايم دل جو. تو آ ڏو جهڪايم سر.
ڏسي توکي، خبر مون کي. رهي هاءِ! ڪين تن من جي،
وَئي آ ... ...

(٢٥)

ڪيڏو مون سمجهايو دل کي، ڪر نه ديواني پيارُ.
گُلَ هردي جا ڏيئي نه وٺ ري! تون ڪنڊن جو هارُ.

پرواني کي ملي پيار جر تن پنهنجي جي خاڪ.
هر شيءِ ڦرجي وينديءِ. رهندُءِ روڏن ٿي اَڏِڪارُ.

بنا پيار جي سڦل نه ٿيندُءِ ڇا جيون جو کيل؟
پيار به چاهي؟ ارمانن جو پل-ڪِن لئه آپيسارُ.

ڏاڙيءَ رهڻ کي پنهنجو سمجهڻ. روئي ڪاٽن رات.
۽ مسنن جيان ٺاهڻ. ڊاهڻ آشنا جو سنسارُ.

توکي فرصت سببي لٺ ناهي مگر،
چاڪ چولي تي اسان کي ناز آ

ساز ڇيھون ٿيو، وڄائي ھٿ ويا،
اڄ سنتور ۾ فقط آواز آ.

پنھنجي فطرت آھ سجدي ۾ جھڪڻ،
بي نيازيءَ تي ھنن کي ناز آ.

ڪيئن جوان مان غير سان نسبت رکڻ،
دِل جلائڻ جو نئون انداز آ.

١٧

سوگوارن کي سنائڻ ڇا لڳي ٿي ٿو سُنو،
عشق کي ڪِل ۾ اُڏائڻ ڇا لڳي ٿي ٿو سُنو.

شمع! جيڪي روپ تنھنجي تي وڃائڻ خاڪ ٿي،
تن جو پاڳلپڻ ٺڻائڻ ڇا لڳي ٿي ٿو سُنو.

بيزبان ٿي سڀ سھڻ ٿي عاشقن جو شان آ،
سور ھرڪنھن کي ٻڌائڻ ڇا لڳي ٿي ٿو سُنو.

١٨

ڪڏھن يار مون تي مھربان ٿيندو.
بيابان دل جو گلستان ٿيندو.

١. سھان ڏکه بره جا سا طاقت نه آھي.
ڪيان دردي دانھون سا عادت نه آھي.
ڪيان مِنٿ ٿو ھاڻ، مڃ ياد مڃ ٿون،
شڪايت ڪرڻ جي به ھمت نه آھي.
جي ابتدين ۾ سِڪ جو وڌو مان ٿيندو.
ڪڏھن ... .

هاءِ! تو قدر نه ڄاتو، خبر!
دل کي ڪين سمجهاتو، خبر!

٢٤

دل ننڍڙي مان وڃائي ويٺس ننڍپڻا وڏن وڏن نيڻن ۾.
ننڊ به تون نه وڻين ڦري هاءِ! ڪونه ڏٺم درشن سپنن ۾.

١. توکي ڏسي مون هوش وڃايو،
تو پوئتي جو پاند بچايو،
ڪين ترس کجهه توکي آيو،
درد جي ڏور پريئه تن-من ۾!
دل ... ...

٢. ڏيئي چار مُشڪ جا موتي،
پوءِ ڦريئه جيون جي جيوتي،
غم جا بادل هڻئه لڪايا،
ڪارن، نرم، ڊگهن وارن ۾!
دل ... ...

٣. واجب هوءِ نه منهن کي موڙڻ،
نينهن جون تندون جوڙي توڙڻ،
چپ سان پيالي صرف ڇهائي،
داغ لڳائڻ دل - درپن ۾!
دل ... ...

٢٥

مون کي ڇوڙو نه گهڻو آهي،
پر توکي پڌو کجهه ناهي،
ڇا ڏسڻ جي لئه مونکي ايندين،
هڪ دل ٻي مون وٽ ٻيو ڇا آهي؟
ڇهرو، نيڻ، ڳيا وڃري،
چند تارا ڇو ڪوئي لاهي؟
دل جي دنيا جي قسمت هاءِ!
ڪوئي ڦاهي، ڪوئي ڏاهي.

جُھڙُءِ ، تو کي ملندو ھوندو جڏھن درد ۾ سوادُ ،
دانھن ڪندين تہ منھنجو پيو ڏيندءِ ، چالا جو چنبيل خامُ ،

٢١

ديھ جي ونءَ کي ڏيئي پاڻي پالڻ جو تو ،
ڪومل ڦلن سان ري ! جوڀن سجايو آ .

انگ - چنڊ کي ڏيئي ھٿ جي بادلن سان ،
بيسرو تو سمبہ جي وڻن کي وڄايو آ .

مري تو پياسو ڪوئي ڏرم جو ڍونگر رچي ،
نس جي دلن کي تو لٽي ۾ لڪايو آ .

ياد رکہ ، جيون جو شانُ ٿي وھڻ ۾ آ ،
ڏسي ۾ بيٺل سگھي ! امرت بہ اڄايو آ .

٢٢

وڃيو وڃ ڳالھ تون ، پنھنجي تہ پيچ بيزار ڇو آھيان ،
ڪندين ڇا تون پڌي راھي ! فسانو عشقَ وارن جو !

ستارو ! خوش رھو جو آسمان جي گود ۾ آھيو ،
زمين تي ڪونہ آ ڪوئي سھارو سوگوارن جو .

ڪندا چاھي چڀن تا دہ بہ ڇني سگھندس وڃي واھي
چمن ۾ چار پل مون پيي منھنجو ماٺيو بھارن جو .

جي ڪشتي غرق ٿيڻي آ تہ ساحل ڇا ڪري سگھندا
اڄايو نالو بد مؤجن جو بہ طوفان جي ڏارن جو

٢٣

درشن - جل بن جي ڪيئن سگھند بورا ،
ڪومل مچليون پراڻ ھوئن !
لکين لکيل ھن برلا - عشائون ،
سجني ! دل جي داڻن ھون !

ڇهل قدمي ڪندي. مرڪي رهي هئي.

اننگه. ديوتا روپ وَتي رتيءَ جي. ڪومل ڳرس سان
پريل نشيلي ڦلن تي. پنهنجا پياسا ٻ تتل چپ رکي.
اکيون ٻوٽي. سنسار تي. جڳ ۽ ڇپٽن تي. مشڪي مشڪي،
ڪامنا جا تير هڻي رهيو هو.
نديون سمنڊ ۾ ملڻ لڳيون. گُل پونئرن ڏي نهارڻ لڳا.
ديپ پتنگن لاءِ وياڪل ٿي پيا. لتائون وڻن سان چنبڙڻ
لڳيون. پرڪرتي. پل پل بدلجندڙ ويس لاهي. پرش کي
ڳولهڻ لڳي. پٿر هڪ ٻئي سان پاڻ گسائڻ لڳا. لهرون ڪنارن
سان سر ٽڪرائڻ لڳيون. اڳيانت. يؤونا. مگذا ڪماريون،
ڪجهه محسوس ڪري شرمائجڻ لڳيون. ڳيانت. يؤونا
بالائون مرگ. نيڻن ۾ مدرا پيئي راهگيرن کي چوڻ لڳيون:
’ اڪيلي ڊپ تو ٿيئي ري راهي! ارات نه رهي وڃين!‘
شادي شده جوڙا هڪ ٻئي کي ٻاڌن جي جهولن ۾
جهولائڻ لڳا.
آهڙي ٿي اُتيجڪ سمي ۾!
منهنجي وياڪل هردي،
وڏيڪ بيڪل ٿي پڪاريو:
’منهنجا پيار...... !
ڇڻ ڇن ڇڻ ڇن ڇڻ ڇن ... ...
سنگيت جي سٽن ٿي سُرن جو سرتاج، نه ته اُنهن کان
بلڪل الڳ، آئون سُر- ڪام جو سُر- پايل مان نڪري،
منهنجيءَ جان مان جڻ ڪجهه ڇڪي ڪري ٻاهر
ڪڍي رهيو هو.
منهنجو پيار!
هڪ سندر جوڀن جي روپ ۾ منهنجي سامهون
بيٺو هو. منهنجو پيار!
مان خوشيءَ ۾ مدهوش ٿي ليٽي پيس!
هوءَ ويجهو اچي بيٺي!
مون سندس ٻانهن پڪڙي، ڪيس پنهنجي سيني سان

تون رکہ دامن کي صاف صفا .
پل ڪوئي اشڪ پيو واهي !

٢٦

• هاءِ ! مون تي حسن وارو مهربان ٿيڻو نہ هو .
حسن منهنجيءَ زندگيءَ جو پاسبان ٿيڻو نہ هو .

• دل جو ڏئو ضرور مون پاڙيو آ اَج مگر .
تُوئي مون کي ٻڌايو نہ اَشڪن کي تيل ڪج .

• پريم ۾ جي پريم ٿئي انسان کي درڪار آ .
ڪو ٻڌائي ڇو هٽي نَوڪر وئي مون کي صنم ؟
• ڀُلائڻ بہ ڪنهن کي آ ڪيڏو ڏکيو .
ڀلا تُنهن جي لئہ پيي عجبي ياد ٿو !

• اَمواج ۾ جو جوش آ ساحل ۾ سو ڪٿي !
جو لطف آ تلاش ۾ حاصل ۾ سو ڪٿي !

• دوريءَ ۾ ئي ٿي پائيب سڀُ رنگ عاشقي .
تُون دل کان پري آهين ۽ دل مون کان پري !

٢٧

منهنجو وياڪل هردو !
جهڙيءَ طرح بادل بجليءَ کي گهٽي وقت تائين
پنهنجيءَ گنڀيرتا جي پردي ۾ نہ لڪائي سگهندا آهن
جيئن ڪوئل پنهنجي ڪنٺ جي مڌرتا کي وسنت جي
مؤسم ۾ وس ۾ نہ رکي سگهندي آهي . ٺيڪ ان طرح
منهنجو وياڪل هردو ٻره جي دونهي کي اُميد ۾
مريادا جي ڍڪڻ سان وڌيڪ نہ ڍڪي سگهيو .

اُها بهار جي چنچل رات هئي جا ڪنہن سان منهن ڏوئي .
موتين سان جڙيل زلفن کي پکيڙي . مند مند چال سان

اُن وقت هوا جي چنچل ۽ بيشرم هٿن، تنهنجيءَ ڏيهه جي پارس کي منهنجين اکين جي لوڙه کان دور رکندڙ پردي کي، اَنت ۾ اُڏائي ڇڏيو!

مون ڏٺو:

تون ٿورو جهڪيل هيئين جيئن ڦل- ڦول پئدا ٿيڻ تي ڪا نازڪ ٽاري پنهنجي جوڀن جو ڇالڪ ٿي بار نه سهي سگهڻ جي ڪري، هيٺ جهڪي جڻ دنيا کي چوندي آهي: همٿ ڪري پٽ نه ڦل تنهنجا آهن!

تنهنجو ڪاپو هٿ چنڊ تان آلا ۽ ڪارا بادل هٽائي رهيو هو ۽ ساڄي هٿ ۾ لوٽو هو. جنهن مان جل جي ڌارا نچا جي ٽٽڻ مان ڏيري ڏيري نڪرندڙ ڪين ڌارا وانگر نڪري، تنهنجيءَ مرمري ڏيهه تان ترڪي، قدمن کي چمي رهي هئي!

اوشواس روپي وارن جي ڪاريهر ۽ لهردار بلائن جي منهن مان پاڻي زهر جيان ٽپڪي رهيو هو!

تنهنجين اکين جا پينور رخسارن جي لالائي ڏسي شرمائجي رهيا هئا ۽ اُهي شرم وحيا جي ڪارڻ وڌيڪ رنگين ٿي ويا هئا. جڻ اوندهه ۾ اندر- ڌنش چمڪي رهيو هجي!

تنهنجا چپ نارنگيءَ جي رسيلي ڦاڪ جيان ٿي لڳا جن ڏانهن تنهنجي سڊول نڪ جو طوطو حسرت ڀري نظر سان نهاري رهيو هو!

پر سڀ کان وڌيڪ ديوانو ڪندڙ تنهنجا پستان، آخر ڇا هئا؟

ڇا اُهي ٻه نڪريون هيون جن تي ڪام- ديوتا پنهنجيءَ سينا سميت ٻهي واسنا جا تنبو هڻي رهيو هو؟

يا اُهي ٻه ڪومل منڪريون هيون جن مان

لڳائي، سندس سنوارين اکين جي گلن کي چميت
جي ماڪ سان سينگاريو ۽ پوءِ هن ڏانهن ان طرح
نهاريم جڻ چئي رهيو هجان :
سالن جي اُڃ اِئين نه مٽجندي
اڃ ته هڪ ٻئي ۾ ملي
اُڃ ۽ آب کي گڏي ڇڏيون !
هُن مُرڪ جي چانڊني ڦهلائيندي ۔
پنهنجي بدن جا گل منهنجيءَ سيج تي ارپڻ ڪري ڇڏيا !
آلا زلف ۔ جن مان گنگا جل جون بوندون
ڏيري ڏيري ٽپڪي رهيون هيون ،
منهنجي ڇهري تي پکيڙي ڇڏيا !

اوچتو منهنجو سونهري سپنو واريءَ جي ڀت جيان اچي ڀٽ پيو !
۽
گلبدنيءَ جي بدران منهنجيءَ ڇاتيءَ سان برهه جا کنڊا چنبڙيا پيا هئا ۽ منهنجن ڳٽن تي زلفن مان ٽپڪندڙ گنگاجل بدران ڳوڙهن جا آڻ ۔ آڻ قطرا ها !!!

۲۸

ننڍڙن ڏينهن جي ڳالهه آهي .
مان ڪوٺي تي ويٺو هوس .
۽ اکيون پنوڙن جيان ۔ پياسڻ پنوڙن جيان ۔
ننهنجيءَ ديهه جي ڦول کي ڳولهي رهيون هيون !
اوچتو ننهنجيءَ سنان ۔ ڪوٺيءَ ۾ جڻ
چوڏس جو چنڊ مُرڪڻ لڳو .
دريءَ تي پيل سنهڙو پردو هوا ۾ لڏڻ لڳو !
۽ پردي جي پٺيان
ننهنجي سون ۔ ورنيءَ ديهه ديپڪ جيان
جهلمل ڪرڻ لڳي ۽ وارن جو دونهون اُڏامڻ
لڳو !

۳۲

منهن کي مٺيو تو خوب ڪيو غم نه مون کي آ ،
تو اَشڪ ڏيئي عشق جو مطلب آ ٻڌايو .

ڪم ظرف هاسين هيئن جو جلايا سي دل وجانُ ،
تو نه رنگ حق مجاز جي مٽه سان ٿي ملايو .

ڪنهن ڏينهن لڳا ٿي چنڊ ۽ سج تنهنجا ئي سايه ،
ٻهنر ٿو توکان اڄ لڳي ذرن جو به سايو .

احسانُ اِهو نه تنهنجو وسرندو نه ڪڏهن پيي ،
تو ٿي نه مون کي عشق جي قابل آ بڻايو .

۳۳

مان : پر ٻڌ ته سهي .... .
هوءَ : ... ... ڪجهه به مون کي ڪين آ ٻڌڻو .
جو حسن ٿو چاهي آ جهان ۾ سوئي ٿيڻو .

مان : ڪين ڪر تون ناز اُن تي حسن جنهن کي تا سَڏن ،
پيچ اُنهيءَ گل کان حقيقت آ چمبو جنهن کي خزان .

هوءَ : محبوب سي حسن جي ڪجهه ڏينهن ئي رنگت ٿي رهي ،
چمن ۽ ڦول جي هڪ ڏينهن لئه صحبت ٿي رهي .

" : مگر گلن جي ڪري چمن گلستان ٿو لڳي ،
۽ حسن جو ئي حرم خدا جو مڪان ٿو لڳي .

" : حسن پاڻ ۾ به هڪ آگه لڳائي ٿو سگهي ،
جنهن کي چاهي ٿو ٻڌائي يا مٽائي ٿو سگهي .

(20)

مستيءَ جو رس سگندو جي روپ ۾ نکري رهيو هو؟
يا اهي عام جا قلعا هئا جن جيا کري استريءَ
سدائين هاريو آهي ۽ جن کي پرش کڏهن جيتي نه
سگهيو آهي؟
اهي ٿي ته جوبن جا ٻه مادڪ ڦل آهن جن جي ٻار جو
کري ڪامنين جي چيله لچڪندي آهي ۽ چال ۾
شراب جهڙي مستي اچي ويندي آهي.
اوچتو ترلونو ڪٽي ڦٽو ڪيو ۽ ٻنهي هٿن سان ڪٽي
ٻنهين جاتين (پستانن) تي چانو ڪئي!
اُن وقت اِئين ٿي لڳو ڄڻ ڪنهن شرڊالو ڦڪٽ
شوَ ڀڳوان جي ٻن لِنگن تي ٻنج - ٻنج چنبڙ،
هڪ هڪ گلاب تي رکي چاڙهيا هجن!!!

(٢٩)

تنهنجي ٿي چاهنا هئي، تنهنجي ٿي تمنا
جا لاءِ پنهنجيءَ دل کي بيزار ڪيو سين!

در - در پياسي ٿو لئه بن - بن ۾ رليا سين،
ديوانا ڇو ٿيا سين جو پيار ڪيو سين!

(٣٠)

تنهنجي ملڻ سان شايد دل کي خوشي ملي ها،
آوارا حسرتن کي ڪجهه تازگي ملي ها!

وڏندو ڏسي هوا کي توڙ جي ٻچايئين هانه دامن،
ڪيئن موڙ جي ڪَٽين سان ٻر زندگي ملي ها!

(٣١)

اڄ ڀهرئين پيار جو موڙ ڪي اُنماد ياد آيو
اُنماد سان ٿي تنهنجو بيدار ياد آيو
گلشن ۾ اڀير رکندي پوشرو ويو پيٽ لپي
گل کي ڏسي نه هُن کي صياد ياد آيو

تنهنجي نذر

سُشما !

توکي ڪجهه به ارپڻ ڪرڻ جو
مون کي پورڻ اڌڪار پراپت ٿيو نه آهي،

چوته مون زماني جي رچيل
مضبوط جار- شاديءَ- جي
قدمن ۾ پنهنجو سرڪش سر
جهڪائي توکي پتني- روپ
۾ گرهڻ ڪري ڇڏڻ نه توکي سامهون
ڀاري زماني جي اڳيان هار قبول ڪئي آهي !

متان اِها شڪست ڪنهن وڏيءَ شاندار فتح
جو پيش خيمو هجي !

منوهر بيدي

٢٩-١-١٩٦١

عشق آخر تائين رُئندو ۽ جهڪندو رهندو،
حسن هڪ پل ۾ زماني کي جهڪائي ٿو سگهي.

هان عشق ئي حسن جي نظر کي جام بخشيو آهي،
عشق ئي حسن کي وڏو مقام بخشيو آهي.

زلف کي سياهه ابر رُخ کي ماهتاب چيو،
مرڪ کي جلوو. جلوي کي ئي آفتاب چيو.

قوُل نظرون ٿيون ۽ غمزه تيز تير ٿيا،
حسن ئي شاهه ٿيو ۽ باقي سڀ فقير ٿيا.

چاهه ئي آسمان ۾ حسن کي اُڏائي ٿي،
عشق کي عشق جي نِگاهه ئي جهڪائي ٿي.

هوءَ قصور عشق بيخوديءَ ۾ اَڄ محبوبه سهي،
ڪيئن ٻي حسن جي حضور ۾ مجبوره سهي.

هان عشق ئي حسن کي پڙهايو آ حيا جو سبق،
عشق آ ٿو سدا اڳ حسن جي جهڪي ٿي رهي.

ڪنهن پُر خزان چمن کي وڃي سبز تر ڪيو،
هڪ گل ٿي مون گهُريو، سو بهار ! ملي ويو.

(۴)

آئينن ليکڻ ۾ هئين، تصوير تون،
منهنجي هر هڪ خواب جي تعبير تون.

قيد پيو جنهنجو ڏئي دلڪش مزا،
قول جي اُچواس جي زنجير تون.

زيست جي هر حال کي پورو ڪندڙ،
منهنجيءَ هر تدبير جي تقدير تون.

(۵)

هر ادا ۾ سادگي ۽ هر تبسم ۾ حيا،
حسن جو تو ۾ ڏٺو مون ڪَڏ اَنڌيرِ پرواز ري !

پيار ۾ درڪار اهڙو آهِ ٻنڌن جو فقط،
تون ٻُڌين منهنجو ۽ مان تنهنجو ٻڌان آواز ري!

روح جو ميلاپ ٿي تو شاد جيون کي ڪري،
عمر پر هڪ ٿي ڪڍي سُرُ ٻن دلين جو ساز ري !

زندگيءَ پر ياد رکجان ۽ راس عهده قول جو،
۽ وساري ڪين پنهنجي پنڌ جو آغاز ري !

(٦)

سون-ورني منهن مٿان چانڊيءَ ورني چانڊني!
او ڪويءَ جا مگڏ هردا ! ڳوله ڪا تشبيهه نئي!
سون- ورني... ـــ

١. منهن جي مٿان آنچل مَهينُ،
چپ تي مُرڪ، لٽيل تسُئينُ،

١

جيون ـ ڏوري هڪ آواري جي ٿي هٿ ۾ ،
اُن کي نه گهٽو ڇڪيج ۽ ڍ ڙيي نه ڏجانس گهٽي .

تنهنجي ڪري ذهن کي خالي ڪيو مون آهي ،
نه خواب حسن جا هن ۾ نه حسرتون ٻُتن جون !

٢

اُها رات ڪاڪيءَ ڪان منٺري ،
رهندي مون کي ياد عمر ڀر !

١. شربتي نظرون حيا ڪان سرخ ٿي جُهڪيي ويون ،
چنڊ جون سورهن ڪلائون پردي ۾ لڪيي ويون ،
تنهنجيءَ دل جون ڌڙڪنون جڻ خوف ڪان رڪيي ويون .
سڄڻي! توکي اُن سمي هئي خود جي پي ڪا ڪين خبر .
اُها رات . . .

٢. ڇا ٿيو ۽ ڪيئن ٿيو ڪجهه ياد هاڻي ڪينَ آ
ڪيئن اُلجهيا ، ڪيئن سلجهيا عل نه آ دل جا سَگا ،
ياد آ هڪ تاريڪي ۽ ٻيو پساهن جي هَوا
جاڻ نه آ ڪيئن رات گذري ناهي خبر ڪيئن ٿي سَحر ،
اُها رات . . . .

٣

تنهنجي جسم جو حضور ! سهارو مليو ويو ،
وچ سبب ۾ اسان کي ڪنارو مليو ويو ،

هر طرف هئي خزان ۽ ويران ٻيهڙا ،
نظرن کي ديد لاءِ نظارو مليو ويو .

ڪنھن کي ملڻ کان روڪيو ٿي ۽
ڪنھن کي مرڪيو ملائي ٿي.
اُلفت جي محفل ۾ دنيا،
پنھنجي ئي شمع جلائي ٿي.
دل-دل جي وچ ۾ ديوارون.
دنيا ٺاهيون رسمن جون،
آرٽيون روز ڪجن ٿيون سؤ سؤ،
دل جي قولن قسمن جون!
جو هٿ دلربن جي مستڪ تان،
پربت-رنگ ميساري ٿو،
سونيءَ رات جي لئه سوئي هٿ،
سرهي سيج سنواري ٿو!
پيار ڪرڻ هڪ پاپ ٿيو پر،
شادي ڪرڻ ثواب ٿيو،
دُنيا ڏفرته سو ٿيو امرت،
خود پيئنو ته شراب ٿيو!
دنيا آکي-شاديءَ جو هي.
بندڻ ٽوڙڻ آ مشڪل
پر سو نانو ٿي کھٽو وڃن،
جسم ملن پر ملي نه دل!
چا قيدن سان، چا ويڙهيءَ سان
پيار اندر ۾ جاڳي ٿو؟
هٽيالي سان چا ڪو انسان،
پاؤ اندر جا ٽياڳي ٿو؟
لھر هوس جي ڊوڙي ٿي جڳ
جنھنکي چوي محبت ٿو،
پيار نه ڪين ڪري ٿو ماڻھو.
پوري ڪري ضرورت ٿو!

اَڄ پئي ٻڳين ھوندُ ڪان حسين ـ
جاري ٻيئڌ سونھن جي اَڇي ٻيڙ ـ ميملين تي پئي!
او ڪوئي ... .

٢. ساھت سان اسين چانيون ڏُڏن .
لهن تي جت لهون لُڏن .
تاري تي ڦول ٻه پيا ڪُڏن .
ھڪ ته روپ جي مٽ اکيان ۾ ٻيوھوا ڇيڙي وئي!
او ڪوئي ... ...

٧

تڪڙا تڪڙا ساهه کڄيا ،
دل ڌڙڪي ۾ ٻه هٿ وڌيا ،
"نه ڇيڙ ڪ پريو ۾ ڇپو ڪير؟
مون ڇپيو اڄ ته نه منهن کي ڦير!"

تو اُتي ڇپيو هاءِ ڙي بابا! اڏرات جو جو جاڳيو ٿا؟
ڪجهه مهر ڪيو مسڪينن تي خود ترڦوٿا ۾ سنايو ٿا!"

هيءَ هوا ڪلين کي ڇيڙي ٿي ،
سج ڪرڻ انهن کي ٻيڙي ٿي .

پوئنرو ڦولن کي چوسي ٿو ،
هر پٺي پٺي هو نُوسي ٿو .

نه به پياس رهيس اَڌوري ٿي ـ
هيءَ اُڃ ڪڏهن ڪين پوري ٿي .

تون مُرڪي تو ڪر موڙ ٻا ،
مون پراڻ پراڻن سان جوڙ ٻا !

سمهڻ، کائڻ، ڊڄڻ، مٿُن،
جيئڻ جو ارٿ سمجهون ٿا!

١٠

موٽايان تنهنجي پريت ٿو گيتن جي روپ ۾،
پاڻ رکيم نه پاڻ سان، ٻيو ڪجهه ڪِٿي رکان؟

منهنجو هر گيت تنهنجيءَ پريت جوئي،
چنڊ چاهي ٿو.
تنهنجي سهڪار جا زيور،
ٿا ڀڪائن اَدب منهنجو!

١١

پراڻ - پياري! هاڻي ارپيان،
جا پيو تنهنجي اڳيان،
زندگيءَ جو گيت ئي،
توکي جڏهن ارپي ڇڏيم!

١٢

'سيهمئي سندر ۽ شوم آمنوهر - ارڌانگني'،
'سُشما' نالي جو مطلب مان فقط اِهو ڄاڻان ٿو!
سين : سيهمئي ۽ سندر
شين : شوم
ميم : منوهر
اَلف : ارڌانگني

!!! ॐ शान्ति शान्ति शान्ति !!!

٩

جڏهن اِنسان سوچيو:
گهر ۾ رهي پنهنجو الڳ ٺاهيان،
پنهنجي ڀڄ مان ٽيل پيدا،
ڪٽنب کي پاڻ سان رهايان،
جڏهن ڪيئي - منهوري ٿان،
اڃان مان شام جو ٿڪجي،
ڏسان پنهنجيءَ ونيءَ کي،
اوسيڙي ۾ ٻنپي وٽ رکجي!
شغل ۾ شور ۾ ٻارن جي،
جيون- پاترا پوري-
ٿئي، دل کي سنائي جن جي،
ٻن پهرن جي پيٽ دوري.
چئي جن کي پنهنجو، منٽيون ونجي،
دل کي ملي آنند،
محنت ۾ موه جو دروازو ٿئي،
جيئي لئه نه هرگز بند!
حياتي عورتن جي،
جانور جي زندگي آهي،
ٿئي هر ڪنهن سان رکي ناتو.
۾ هر ڪنهن لئه لتا لاهي،
جمي جو ٻارن جي پيءُ کان،
خود ماءُ ناواقف،
پتا کان ڏيءُ ۽ پٽ،
پيئرن کان پاڻ ناواقف!
شڪاري ٿئي کي پالن پيٽ،
کي ڪيتريءَ جو اُن ڪائي،
لٽيرا کي اڃا کاهي
منصبل يونگيون لُٽن- ڌاڙين،
پٺن کان هاءِ! ٿيڙ ٻهڙ
اسان جو وئرڻ سمجهون ٿا.

٢٩.١٠.١٩٩٢.

سرڳ ۾ سمڀوڳ آهي. پر پريم ڪونهي.

پريم کي جاڻڻ سمجهڻ لاءِ اندر جي مکيه اپسرا اُروشيءَ پرٿويءَ تي آئي ۽ راجا پروروا سان پريم ڪري ويٺي. پر اندر جي وڌل شرط مطابق هُن پروروا کي چيتاوني ڏني - رهڻ. مون کان هرگز نه پڇجان ۽ نه مان ڪپڙا آهيان. سپني ۾ به نه! پڇندين نه مون کي يڪدم پرٿوي ڇڏي واپس وڃڻو پوندو.

پروروا اُروشيءَ جي ساٿ هجيءَ جو پلئه هٿ ۾ پڪڙي سمجهندو هو.

هڪ رات پروروا پاڻ جهلي نه سگهيو ۽ اُروشيءَ کان پڇي ويٺو. اُروشيءَ کي اُن ئي دم غائب ٿيڻو پيو! پر سندس ساٿ هجيءَ جي پلوءَ جو ٽڪرو راجا جي هٿ ۾ رهجي ويو. چوندا آهن. پروروا اج به اُروشيءَ کي برهمانڊ ۾ ڳولهي رهيو آهي!

شاريرڪ امرتا جيون کي بي معنيٰ ۽ پريم هين بڻائي ڇڏيندي.

موت (مها يانرا جو پڙاءُ) ان ڪري آهي. جيئن اسان جيون ۾ ڪنهن ڏسا ڪنهن اُديشيه، ڪنهن معنيٰ جا رنگ روپ ڀري اُن کي پريم جي يوڳيه بڻائي سگهون.

پريم فقط موت جي ڪري ئي ممڪن آهي.

وئراڳ ڪنڊ

جڳهه سپنو، جڳهه بُلبلو.

جيون مايا ڪيلُ!

وچڙ ۾ پيو ڪوڙو هنجي.

ڪوڙو جاڻج مبلُ!!

لاءِ ان حالت کي ، ان احساس کي نالو ڏيڻ جو ،
ظاهر ڪرڻ جو ، ٻيو ڪوئي نه وسيلو هوڻ نه
رهندو ! سنتن - مهاتمائن ، پير - پيغمبرن ،
رشين - منين اِيئن ئي ڪيو آهي !

پرماتما کي ،
پراپت ڪرڻ جي خواهش جنڊ ،
کوج جي اهميت کي سمجهائي ،
ورنا ،
گهاٽن جهنگلن ۾ ڀٽڪيا ويندين !
...
پرماتما جي کوج ئي
پرماتما آهي !

(٣)

هڪ جو
زندگيءَ جي درد و غم کان ڇوٽڪارو
ڏين جي لاءِ
صبح تائين
دردِيلي يادگيرين جو
هڪ چڪر ويوهه
ٻڻجي پوندو !
وقت
درد کي
دور ڌڪيلي ضرور سگهندو ،
پر
مِٽائي نه ٿو سگهي !
درد ، آتما آهي ،
اَمَرُ
پر روپ ۽ آڪار بدليندڙ !
...

بلب کي آتم وشواس هو :
مان انڌڪار کي دور ڪندس،
روشنيءَ جو مينار آهيان !
هر حال ۾،
انڌڪار کي دور ڪري سگهان ٿو،
روشنيءَ کي پاڻ ڏانهن،
ڇڪي سگهان ٿو !

پاور جي ڪِسڪي وڃڻ کان پوءِ :
آتم-وشواس جو هماليه،
سپني جي سنسار جيان،
الوپ ٿي ويو !

انڌڪار مان وڪوڙيل بلب،
روشنيءَ لاءِ ڀاڙيئي رهيو آهي !

پرماتما جي کوج ئي پرماتما آهي !
اِن ڪري،
پرماتما اَنادي آهي، اَننت آهي، نِراڪار، نِرگُڻ آهي، اَروپ، اَڀيد آهي، سڀ کان وڏي ڳالهه ته هو اَپراپيه آهي، پراپت ٿيڻ جهڙو نه آهي !
اِن ڪري ئي،
پرماتما وراٽ آهي، سرو وياپڪ آهي، سڀ ۾ سمايو پيو آهي !

ياترا جي جنهن بندوءَ وٽ، جنهن کي به پرماتما جي پراپتيءَ جو احساس ٿيو، اُن بندوءَ وٽان ئي، اُن ڇلهه کان ئي ساڌڪ اُن 'احساس' کي ئي 'پراپتيءَ' جو نالو ڏيئي ڇڏيو ! اُن ساڌڪ

سؤ ديپ مون جلايا تنهنجي وڃڻ کان پوءِ،
شب جا ويا نه سايا تنهنجي وڃڻ کان پوءِ.

اهڙا ڪي ميگهه ڇانيا تنهنجي وڃڻ کان پوءِ،
جن هوش سڀ اُڏايا تنهنجي وڃڻ کان پوءِ.

رئندي مون گيت ڳايا تنهنجي وڃڻ کان پوءِ،
پر سي به ٿيا اجايا تنهنجي وڃڻ کان پوءِ.

ڪائي وٿي نه ڀايا. تنهنجي وڃڻ کان پوءِ،
هر شيءِ لڳي ٿي مايا تنهنجي وڃڻ کان پوءِ.

(6)

ڳوڙها چار هزار ڪهاڻيون،
سبب رُئڻ جا ڪاٿان آڻيون؟

لکهه لهي تو هڪ هڪ ڳوڙهو،
آهن دِل ۾ درد جون ڪاڻيون!

يار جا گل ٻيا پل-پل ٽڙندا،
پيشانيون ٿينديون نه پُراڻيون!

سورٺ، سسئي، مومل، سهڻي،
ڪيڏيون پاڳل، ڪيڏيون سياڻيون!

ڪاڄُ اَسانجو آهِ نِرالو،
ڪنڌ ٿي وٺي سوچ ٿا واڻيون!

(7)

وَڏي قيمت:

مون زندگيءَ ۾
عشق جا

(٤)

تون سامهون نه آهين ،
پر تنهنجي ياد
همت ۽ حوصلو بخشي
مون کي
اُنهن تاريڪ وادين ۾
بيخوف سفر ڪرڻ جي
لائق بڻائي ڇڏيو آهي
جن کان
اول
مان ڏڪندو لرزندو هوس
۽ منهنجي آتما
ٿر ٿر ڪنبندي هئي !
اِهو وردان
مون کي
تنهنجي موت
بخشيو آهي !

(٥)

تنهنجا خيال آيا تنهنجي وڃڻ کانپوءِ ،
مون رت - ڦڙا وهايا تنهنجي وڃڻ کانپوءِ ،

خود تي لقب لڳايا تنهنجي وڃڻ کانپوءِ ،
ڪيئن پاڻ مون پرايا تنهنجي وڃڻ کانپوءِ .

دل ۾ نه ڏک سمايا تنهنجي وڃڻ کانپوءِ ،
ڪيئن پاندهون پسايا تنهنجي وڃڻ کانپوءِ .

ٻاسا نه رُت مٽايا تنهنجي وڃڻ کانپوءِ ،
تارا نه ٽمٽمايا تنهنجي وڃڻ کانپوءِ .

ٿي وَئِي آهين
ته شايد اِن ڪري ٿي
مون ۾
هڪ قسم جي
اُداسينتا جي پاءُ
اچي گهرُ ڪيو آهي !

سوچيان ٿو ضرور
پر، پر پلي کي سامهون رکي .
ڪرم ڪريان ٿو ضرور
پر ڦل جي
رُچيءَ جي غلامُ
اِڇا ڪانهي
جو ته ڦل مُلندو
جهوليءَ ۾ سويڪار آهي !

اَجُ مان
مؤت جي ته خوف کان
مُڪت آهيان !

٩

ٻه زندگيون ۾ وِچم اونده اَچينتا جي،
پوءِ فڪر دوست ڇا جو. پوءِ چنتا يار ڇا جي ؟

ٻن زندگين جي وچم
ٻن جنمن جي وچم هڪ غفا،
اَچينتا جي،
نامعلوم ڊيگهه ۾
ڦهلاءَ واري !
پنر جنم ۾ ڪرم ڦل جو
درشن

ڪيئين داستان ٻڌا ۽ پڙهيا.
ڏٺا ۽ لکيا
۽ ڪيئين بار
عشق جا درد پيئي سَٺا
۽ وِڇوڙي جا ڳوڙها پيتا
پر
پتنيءَ جي
انتقال بعد
مون
عشق ۾ درد جي صورت
پنهنجين اکين سان ڏٺي
۽ پنهنجيءَ دل سان
محسوس ڪئي !

مُڪتيءَ ۾ موت: (٨)

تون هئينءَ سالڪ
نه سارڪ
سنسار جا سڀ مايا-جار ها !
دُنيا حسين هئي،
شين جو لوڀ هو،
شين سان موهه هو،
زندگيءَ ۾ ساهُه هو،
موت جي امڪان جي پرڇانئيءَ کان پيئي
ساهُه ٿي سُڪو !

اَج تون مون سان سالڪ ڪونه آهين،
شايد مُڪت ٿي
وراڳ شڪتيءَ ۾ لئه ٿي
پرش ۾ پرڪرتيءَ جو انش

روئڻ اَسانجو هونءَ اَجايو، روئڻ اَجايو هو !
موهه هئو ۽ هارَ هُئي جنِ شورُ مچايو هو !!

اَجُ بِ سياڻي اِنَ رستي تان وڃڻو آهه ڪوئي.
پوءِ بہ پنهنجا ياد ڪجن ٿا، هيٺ هُيٺ روئي روئي .

ڪهڙيون ڏيهين، ڪهڙن جنمن ۾ ڪهڙو هو ناتو .
ڪائي ڪل نہ پوي ٿي اِن لئہ گيان بہ گونگو پاتو .

اڳلن جنمن جا ناتا ٿا دل جا درد وڌائن .
اُهي سلسلا موهه جي بندڻن کي ٿا زور وٺائن .
اُهي سلسلا رهيا جي قائم منزل تي پهچن ٿا،
يعني هڪ ڏينهن مها ڪال سان ايڪاڪار ٿئن ٿا .

ننڍڙي دُنيا، ننڍڙا سوارٿ، ننڍڙي دل ۾ ترشني،
ڪنهن کي فرصت آهي سوچي، ڪيئن هلي ٿي سرشٽي .
جن کي دُنيا ڏِينگَ ميمي ٿي تنڪي جيان نہ برابر ،
ڪوڙي مايا، ڪوڙي دنيا، ڪوڙيءَ ڪوڙ سراسر .

ڪُوڙيءَ مايا جي اَگنيءَ سان،
ڪندنُ سونُ بَڻاءِ !
جُني ميان جي، منهن بہ ميان جو،
پنهنجو ڪمُ نڀاءِ !!

۱۲

سدا ساڻ هوندينءَ جڏهن ڪين هوندينءَ،
خيالن کي بيحد وفادارُ پاتم !
اِهو هاڻ ڄاتم !
طبيعت کي ڪائي وڻي ڪين ٿي شيءِ،
تنهنجي پيار جو ٻَلُ جتادارُ پاتم !
اِهو هاڻ ڄاتم !

ان درمياني
غفار ۾ ٿي
پيدا ٿي
پرواز چڙهيو آهي !

١٠

عشقُ وَهوَس

عشق ۾ :

مُڪمل حسنيءَ جي وڻپ بعد
اکين تي نظر پوندي آ ۽
۽ وڻپ جو احساس
جاڳندو آهي !

هوَس ۾:

اُنگ پهريون ٿا وَڻن
مُڪمل حسنيءَ تي
نظر پوي ٿي ڪونه ٿي !
اَکين ۾ آئڪبي نظر
عمر وِڃائي ٿي چڙهي !

اُهي ڪي انگ ٿي ها
جن مون کي ييي
هڪ لنبي عرصي تائين
اٽڪايو هو.
ڪافي ڀٽڪايو هو !

١١

آتما آهي اُجلي اُجلي سُگنڌ ين سان ڀرپور،
جسم وڻائو بدبوءِ وارو. ڪنس ۽ ناسور،
جڙي جسم مان لبيڪا پائي پيو، اُتم آتمڪ نور،
مايا جو پڃرو جو ٿي ويو هو اڄ چڪنا چور،
اوم شانتي ! شانتي !! شانتي !!!

نه جيئو آهين
نه پراڻي آهين
نه پنهنجن تنتن جو پُتلو آهين
نه پنهنجن وِڪارن جو آستانو !
هاڻي تون
برهمانڊ - وياپي ،
وراٽ شڪتيءَ جو
هِڪُ انش آهين !

ڪلهه ٻوند هئينءَ
اڄ مهاساگر آهين !
ڪلهه ديپ هئينءَ
اڄ رَوِ پرڪاش آهين !

(١٥)

آروٽا !
هاڻي منهنجيءَ ديهه ۾
ڪوئي وِڪار ڪونه رهيو آهي ،
منهنجو شرير
رشين - مُنين جهڙو ٿي ويو آهي !
مان جو ڪجهه جيونديسان ۾
سو ٿيندو - اوس ٿيندو !

سُنيل اڄ سؤ - سؤ لاءِ
هٿ ٽنگيندو پيءُ اڳيان
هوءُ ايندو نه ڏنُ ڪمائيندو
جو پيءُ جي سامهون
هزارن - هزارن جون سٽيون
اُڇليندو ويندو
۽ ڪين ڳڻيندو !

تنهنجو گرڀني به

تنهنجو ساٿ مون لاءِ هو ڪيڏو سهارو،
تو بنِ خود کي ڪيڏو نه لاچار پاتم!
اِهو هاڻ ڄاتم!

ڏسڻ جسم آهي، ڏسڻ جي اَڌورو
مُڪمل تنهنجو هاڻ ديدار پاتم!
اِهو هاڻ ڄاتم!

١٣

ڏينهن گذرندا ويندا،
راتيون وَهنديون وَهنديون وينديون،
تنهنجيون يادون ڌنڌليون ٿينديون وينديون،
تنهنجي صورت هڪ پرڇائي ٿيندي ويندي،
تنهنجا ٻول ڀُلجندا ويندا،
تنهنجيون سُڳنڌيون اُڏامنديون وينديون،
پَر اُنَ کان اڳ،
شايد مان اُن راهه تي نڪري پوندس،
جيڪا راهه تون اول لتاڙيا وئي آهين!

مون کان اڳ وڃي،
ڪنهن موڙ وٽ يا چوراهي تي بيٺي آهين،
منهنجو سواگت ڪرڻ لاءِ!
يا مون کي راهه ڏيکارڻ لاءِ!
يا مون کي ڪجهه اِشارن سان سڏي،
سڏي سڏي ۽ سڏي،
پاڻ ڏانهن گهرائڻ لاءِ!
اِهو نه وقت ٻڌائيندو،
پر ڪوئي ٻڌي ڪين سگهندو!

١٤

هاڻي تون
نه شرير آهين

ڊاڪٽر آپريشن ڪري رهيا هئا.
پيڙهو شرڌيءَ وارو سائين بابا
پاسي ۾ ويٺو هو.
هٿ کڻي
آشيرواد ڪري رهيو هو!
آلائي ڇو
سڀ سائين بابا ڏيان ۾ اچي ٿي ڪونه پيو
خاص قسم جي وارن جي ڪري
هن جو ڌيان ڪرڻ نه تمام سؤلو آهي
پر هن بيماريءَ ۾
سامهون اچي ٿي ڪونه پيو!
ها باقي،
شرڌيءَ وارو پُيڙهو سائين بابا
نه جڻ
هر گهڙيءَ هر پل
منهنجي پاسي ۾ ويٺو آهي.
جڻ سدا ساڻ آهي!

رات سپني ۾
سڀ پرکا آيا، پتر آيا
چون پيا- 'ڪُنوار، هي پنهنجو ڪهڙو حال ڪري ڇڏيو
اٿئي؟ اَسان جا شراڌ ڪير ڪندو؟'

مون چيومانِ- 'تُوهان چنتا نه ڪريو
وشواس رکو
ٻيو ڪوئي ڪري نه ڪري، مان ڪنديس
ضرور شراڌ ڪنديس!'
هوءَ به پرکن- پترن سان وڃي مليون
رهجي ويا سين اَسان
(رُئندي رُئندي) شراڌ ڪرڻ لاءِ!

اٿاهه ڏن جو مالڪ ٿيندو !
تون سدائين ور ۾ گهر سان
سکي رهندين
ڪائي ڪمي نه رهندي !
جيڪو گهرندين،
تنهن کان ڏهوڻو ملندءِ.

١٦

آروٽا !
اڄ تون جيڪو مون کي ڏسين ٿي
اُها مان نه آهيان
منهنجو شرير ته ڪڏهوڪو
نشٽ ٿي چُڪو آهي
هاڻي جيڪو ڪجهه
سامهون آهي
رُنج آتما آهي !

(آروٽا جي اکين جي سامهون هڪ نظارو اُڀري ٿو بيهي.)
ڪمبالا هِل هاسپيٽل/ سومر/ ٩-٦-١٩٩٧/

سُشما : (منوهر جو هٿ پڪڙي) سائين، مان
ته وڃي چُڪي هُئس. توهان ئي
مون کي واپس گهرايو آهي........

١٧

رات سپني ۾.
شيران والي آئي،
مهاديو به آيو،
آشيرواد ڏِنائون !

گريش : منوهر. سُشما جو وڏو پٽ.
آروٽا : گريش جي ڌرم. پتني.
سُنيل : منوهر. سُشما جو ننڍو پٽ.

تون آلائي کھڙيءَ شڪنيءَ ۾
وِڌين سمائجي !
شڪنيءَ سان شڪنيءَ جو ملڻ
جڻ ڌارا ۾ ملي وئي ڌارا
وهڪري سان وهڪرو وهي ويو !
آشريري اروپا شڪنيءَ ۾
تدروپ ٿئڻ کان پوءِ
سُڀاڳ جو سوال اياڳ آهي !
هتي نه پنهنجي پراڻ وڃائي
اُن مها- پراڻ ۾
لئه ٿئڻو آهي
جنهنجي پراڻ هڪ ٿي آهي ،
شُونيه - شونيه ٻيو ڪجهه ٻي ناهي !

٢٥

سَتَ پَنڌَ تني پِي توکي اڪيلو ڪيئن ڇڏيندو هوس ،
اَجُ تون اَڻواقف راهن تي هلي وئينءَ اڪيلي !
ڪجهه سوچين ها ٻيلي !

مونکي پڪ هئي توکان اگهه مان وينديس دنيا پراڻي .
تنهن ڏينهن گوءِ بهگوءِ ڏني تو آهڙي بازي کيلي !
ڪجهه سوچين ها ٻيلي !

مان هيٺو، پاڇي کان ڊڄندڙ، رهي سگهان نه اڪيلو ،
ڪٿي اچي سمجهايانءِ مون آکيڏي ٻيڙا جهيلي ،
ڪجهه سوچين ها ٻيلي !

٢١

(علاج لاءِ ٽاٽا ميموريل ڏانهن)
چوٽينءَ جونِ ني وئينءَ ڪار ۾، سائينءَ جي آڌار !
(دساڳيءَ نيڻ نبي)

آرُوٽا !
سُنيهَا مِنهنجي پيٽ مان
چو نہ ڇاڻجي ؟
مون کي اِها گُرُڙيا ڏيندين
مان لکُ رُوپيہ ڏيندي مان ۽ !
پر۔ پر ۔
لکُ رُوپيہ مان آڻيندس ڪٿان ؟
(ڇهري ٿي نراشا جو پاڻُ)

.... مَصبي !
سُنيهَا مِنهنجي نہ تُوهان جي آهي
هن گرُڙيا کي پنهنجي ئي ڏيءُ سمجهو ،
هوءَ تُوهان جي
تُوهان جي
فقط تُوهان جي آهي !

(١٩)

تنهنجيءَ اَرٿيءَ کي ڪنڌو مون ڪونہ ڏِنو !
هوش ڪٿي هو !
پنهي پُٽن ، هڪ پاءُ ۽ نونهن جي پاءُ جي
ڪنڌن تي
سهاڳڻ ۔ پاڳڻ
راج ۔ راڻيءَ جي هلي سواري
هڪ آخادي ۔ آننت ياترا تي !
اڳتي ۔ پُٺ تان هلندي هلندي
پري ، پري ۽ پري
ٿيندي ٿيندي

سُنبهَا : گرهستڻ ۔ آرُوٽا جي ڏيءُ
سُشما جي پوٽي .

(47)

۱. توُن زندگيءَ جو رنگ ۽ رُونق ڪٽي وَئين ،
جو لهڻو ناهي داغُ ڪو اهڙو هڻي وَئين ،
جانبي رُسي مَلال جي مورت بڻي وَئين ،
اَجُ ڇو توُن لاجواب سوالن ۾ ٿي اَچين ؟
بس، ... ...

۲. دل کي لُڀائي آهَڙي ڪا صورت نه ٿي مِلي ،
آئي ڪٿان بهارَ ، سا مورت نه ٿي مِلي ،
تو جو ڏِنو خلوص جا چاهت ، نه ٿي مِلي ،
دلبر ! توُن بي‌مثال ، مثالن ۾ ٿي اَچين !
بس، ... ...

(۲۴)

۱. خوابن ۾ اَچڻ به اَچڻ آ ڪو ؟
توُن مون کان دور وَئين پر ڇو ؟
منهنجو پيار نه ڪونه آڏو هو !
منهنجيون لاچاريون ڇو وساريون توُ ؟

۲. جو ٿڪو هو ، ٿي جهڪو آ سو ،
ڪجهه نه آ ٿڪو ، پل ڪيڏو به رهو !
جو ويو سو واپس نه آ اَچڻو ،
اِن ماڳ نٿي هرڪو آ وڃڻو !

۳. سورج سان وَجهي ڪِرڻو آ ملبو ،
ڪِرڻو به نه انگُ هو سورج جو !
توُ کي ـ مون کي هو ناٽڪ ڪرڻو ،
آخر هرڪو آ گهرِ وَرڻو !

۴. آيو جو آخر ڪاڏي ويو ؟
ويدن به نه ڄاتو ڀيد اِهو !
ٻڌڻ ، دنيا کي مَڇ سپنو ،

معني ڪانپوءِ قول ڪٽي ويئہ، ناسِڪ سگهي ڪار!!

ڪنهنجو ناهي ڏوهه انهيءَ ۾ ڪنهنجي نالا هبار!
ڏنم خاڪ سان خاڪ ٿيندا، کهڙا کهڙا يار!!
جڳ وارن جو کوٽ!
فقط کوٽ ئي کوٽ!!
رشتا ناتا جوڙي پل-ڪن خاطر گڏجي کِلِيو آ،
هڪ ڏينهن طلسم ٽٽڻو آهي، درد جُدائيءَ ملڻو آ!
روڄڻ ئي اِڪ هيبر!
ڏيان انهيءَ ڏس قبر!!

(۲۲)

ڏينهن شينهن آ لنگهي وڃي ٿو،
رات اسان تي ڀاري آهي!
گهڙي گهڙي لاچاري آهي!

۱. سناٽو، اوندهه، تنهائي،
ساٿ نہ ڪنهنجو جوت نہ ڪائي،
هر سک ثابت ٿيو هرجائي،
دکن جي بارش جاري آهي!
رات ... ...

۲. پاڳ جڏهن خود باري ڪاري،
ڪوئي مدد لئہ ڪنهن ڏي نهاري،
کهڙي ڀاني ڏيرج ڏاري،
دل دردن جي ماري آهي!
رات ... ...

(۲۳)

ڳولها تنهنجي اجائي، ملڻ ڪان گهڻو پري،
بس، دل ۾ ئي رهين ۽ خيالن ۾ ئي اچين!
تو سان ٿي گفتگو ٿئي مگر روبرو ڪٿي،
يادن ۾ ئي وسين ۽ سوالن ۾ ئي اچين!

٢٦

درد دَرشنُ ڏٺو. سوچُ ڪونا ڏٺي،
دل کي آتش مليو. زندگي عُجهه وَٽي!
ڪو وڃي ٿو سگهي ٻيو هِتان چاڪٽي؟
موت ۾ زندگي چاهي. جاٽي ڏٺي!

ڪوئي پاسي ۾ هوندي به آهي پري،
ڪو. نَ دنيا ۾ هوندي به ناهي پري!
چاهي ويجهو هُجَڻ ۾ پوءِ چاهي پري؟
پيار دل ۾ رَهي. جسم چاهي پري!

٢٧

اٽڪل ڇٽيهه سال آٺ مهنا اڳي
تنهن ڪان چوٽيءَ تائين
سُر تنهن سينگارن سان
پنهنجو پاڻ سنواري
توُن منهنجي گهر آئينءَ!
اُهو سنساري مِلن هو
سمبه جي سيمائن ۾ ٻڌل!

تنهن ڏينهن پڇي،
تنهنجو سمپورڻ سينگار ڪرائي
مون توکي سونپيو
مها ڪال کي!
اگني ـ پيٽ تان هلندي هلندي
توُن پهتينءَ سمپورڻ ـ آڪال پرش تائين!

هاڻي تنهنجو
مها ـ ملن ٿيو،
جڳ ـ ملن ٿيو،
اُهڃاڻ ٿيو ميلاپ،

اَ ٽنئي جي سوالن کان بچڻو !

۵. جنهن شيءِ تي ناهي وسُ پنهنجو ،
حَقُ جمائڻي تنهن تي ڪهڙو ؟
جُهڪڻو، جُهڪڻو، جُهڪڻو،
ءِ سدا مڃڻو : پاڻُو مِٺڙو !

۶. آهي چاهيو ڪوئي رستو ؟
ڪنهن کي ڪو جَپُ تپُ ڪم آيو ؟
ايشور بہ جي آ اوتارُ وَتو ،
سو پڻ اِن دگَ تان واپس ويو !

(۲۵)

تون آهين نہ آهين، تون ناهين نہ ناهين،
چوان ٿو اُهو جو چوائي ٿو اَلله !
اُنهي جي بہ حالت اِهائي نہ آهي ،
اُهو جيڪو خود کي سڏائي ٿو اَلله !

۱. اُهو پڻ نہ اَلله هو جيڪو جلوو پيئي ،
اُهو پڻ نہ اَلله هو جنهن تي جلايو !
اِهي رنگَ رنگي رچائي رهيو آ ،
ٿي وِقلي ءِ ترقي هيءَ دُنيا اَجايو ،
لڳائي ٿو اَلله، وِسائي ٿو اَلله !
چوان ٿو ... ...

۲. زماني جي ڪا شيءِ جِتادارُ ناهي ،
هِتي شخص ڪوئي وَفادارُ ناهي !
نہ ڪوئي آ دلبر، نہ ڪوئي آ رهبر ،
جڙهت جو آ ميدانُ هي سنسارُ ناهي !
شبُون پڻ نمونا ٻڻائي ٿو اَلله !
چوان ٿو ... ...

٢٩

• ٻالپڻ ۾ ماءُ وٽي، وَڏيءَ عمر ۾ جوءِ !
ٻالڙا ڳڀا سُکَ يادِ ڪَرِ، پاڳ ڪي وينو لوءِ !!

• پل-پل اُڇليو آ مٿان آسمانَ ڇُٽلبينج !
اِن لئه پنهنجي آ وڏي سوُر سهڻ جي رينج !!

• ٿي مهنا اڳُ وَئينءَ توُن لوڪُ ڇڏي پرلوڪِ !
ڇو ٿو وسانءِ نه سوُر مان پنهنجون يادون روڪِ !!

• سوُرُ، سوزُ، ڏکُ هوندي پڻ، ياد آهي آڌارُ !
مايا وي شڪتين ٿي ٿي، هلي پيو سنسارُ !!

• ديهه جي اَگني ديهه ٿي ڪري سگهي ٿي شانت !
آتما وستوءُ الحدي جاڻ پوي نه ڪنهن پانت !!

۳۰

پرش - پرڪرتي - مايا !
برهما - وشڻو - مهيش !
اِنهن شڪتين جي وچ ۾،
جُدا جُدا ترتين سان سرابور،
ترنيمان آهي،
سنساري ڪرم - شالا،
اِنساني جيون !
گرڀ ۾ اِنسان اِئين رهيو،
جيئن ڪير - ساگر ۾ شيشن ناگ ٿي،
لپٽيل وِشڻو !
آنند جي مُدرا،
ڪجهه - نه هئڻ جو اَحساس !
سنساري ڪرم - شالا ۾
جيون جي گوڙٿڻ ۾

جنهنجو ڪوئي اَنتُ نه آهي،
جنهنجي ڪائي سيما نا هي!
جنهنجي ساموڻ
ڪوئي وڇوڙو
بينو ناهي،
ڪائي جُدائي
جنهن کي ڪين ڏٺي ٿي
چنوءَ ٿي!

ڪَنهن ڏينهن تُنهِنجو ٿيئي هوس،
اَج مان تُنهِنجو داسُ بهَ ناهيان!

(٢٨)

هر ڏڻ تي تنهنجي ياد پيجاري وَئي مون کي!
رُئاري وَئي مون کي!

١. تنهنجي ڪري هو سؤ ڪو حياتيءَ جو وهڪرو،
پرواه نه هئي مون کي ڪا جو هو تنهنجو آسرو،
تنهنجي پيجاڙي اَگه ٻڙئي پاري وئي مون کي!
هرڏڻ تي . . . . . .

٢. ڇا ٿا پڇو ته ڇو ٿو لڳان اَج ٻرو ٻرو؟
ڪنهنجي وَئي آ ڇانوَ، ونيو گهر ٿي اولڙو!
بوُسانتَ انڌڪار جي ناري وئي مون کي!
هر ڏڻ تي . . . .

٣. بازار اڄ سارگي خريدارُ آ ڪٿي؟
عاشق به آ، جُنونَ به آ ديدار آ ڪٿي؟
تقدير ڪهڙي موڙ تي ماري وَئي مون کي!
هر ڏڻ تي . . . .

اَچيتن جي اونداهي غفا!
۽ هُن پار ؟
ڪير ساگر ۾
شيش ناگ تي
وشڻو بڻمبي
ليٽڻ جو سما. آنند !
مَن مون کان پڇيو :
... جي اِئين آهي
جي اِئين نون سمجهين ٿو
جي اِئين نون مڃين ٿو
نه پوءِ
پنهنجن پيارن جي موت تي
ڇا لاءِ روئين ٿو ؟
مون آدِ شنڪر آچاريه جي دليل جو سهارو
وٺندي چيو :
... موڙڪ من !
منهنجو روڻ پڻ ته
مايا جو هڪ کيل ئي آهي.
متيا آهي !
مايا مير سنسار ۾ آيا آهيون
نه کيل - تماشا به نه
پوريءَ ايما نداريءَ
۽ گنڀير تا سان
ڪرڻا پوندا نه ؟!

(٣١)

توُن پاڻ ئي آهين

دِجڻو اَٿي نه خود کان ڊڄُ .
پڇڻو اَٿي نه خود کان پڇُ .
جَپڻو اَٿي نه خود کي جَپ ،

ويڙهه جي وکوڙ جي
هُن جو قدم رکڻ
۽ مايا جي کيل تماشن جو
شروع ٿي وڃڻ !
خوشبوءِن، مرڪن، ٽهڪ،
رُودن، گوڙها، هائڪار، سُڏڪا،
آنسون، اُميدون، آٿتون، دِلاسا،
ڏينهن جا سپنا، رات جا خواب،
ڇهاوَ، لرزشون، ڪامنائون، واسنائون،
ٻُ، مان، هڪ ٿي وڃڻ جون مورکتائون،
فريب، چالاڪيون، شطرنجي چالون،
ڪرڻ جا ڏپ، ڇڙهڻ جون چاهنائون !
ويچارو هِڪُ جيوُ،
اِن مايا چاري چڪرويوهه ۾ ڦاسي،
پيسجي ويو !
تَه بِه
اُن ڦاهي کي
قَول، مالها سمجهي
اُن سان چنبڙيو رهيو
۽ سدا سدا لاءِ
چنبڙيو رهڻ جون
پرارٿنائون ڪندو رهيو
پوڄائون ڪندو رهيو !
اِنسانُ موُت کان ڏڪندو رهيو !
پڃري ۾ ڦاٿل پکي،
آسماني ! اوچائيُن ۾ اُڏامڻ کان،
مُکت وِهار ڪرڻ کان
ڇِڙ ڪندو رهيو !
جيون ۽ مکتيءَ جي
چرم آنند جي
شيش ناگ تي ليٽڻ واريءَ حالت جي وچم آهي

۽ ڪهڙي جنم جا !
وِڻن ۾ ويڙهيل
وڪوڙيل اِڇائون !
ننڍين ڪي به پوڄيم،
وَڏين ڪي به پوڄيم !
ڪڏهن ڌن جي ٻل ٿي،
ڪڏهن چانڊيءَ سان،
ڪڏهن ڏيئي ڏوڪا،
دِلاسا ڪڏهن !
ڪڏهن ڪن ورهي ڀوڳ منهنجو لڳايو !
مون کي ڪم ۾ آندو !
مگر ڪيل هلندو رهيو بيجهجهڪ !
پر اَڄُ من ڪٿي پيو
لڳي ٿي نه ٿو !
وِڪارن جي ور ۾ اَچان ٿي نه ٿو
وڪارن ۾ آنند
مِلي ٿي نه ٿو !
وشيه-واسنائون ٻُٽيون ٻيجهڙو !
مون اَڄ پاڻُ خالي ڪري آ ڇڏيو،
اچي جنهن کي اَچڻو آ پاڻهي اَچي !
مون هرديءَ جو در آ کولي ڇڏيو،
مان پنهنجو ئي سوآگت ڪندس پاڻ ئي !
ٻيو ڪير اِيندو !
ٻيو ڪونه اِيندو !!
ڪو اچڻوئي ناهي،
جو هستيءَ ۾ ناهي.

(٣٣)

زندگيءَ مان ڪڏهن ٿيو آجو ؟
مان ڌُڪن سان اِئين پيل آهيان،
جيئن پيل سُرنِ سان ڪو باجو !
زندگيءَ مان ... ...

ٽڪڙو اٿي عجب خود کي ٽڪ،
هر جا، هر صورت ۾
تون پاڻ ئي آهين!
اِهو سڄو تنهنجو ئي تصور آهي
جيڪو، گهڙو گهڙو گهڙو ٿي
سامهون ٿئي ٿو
بڻجي حقيقت!

پوٽ به تون ئي، پريت به تون ئي!
تون ڏکائين پيو ٿو خود کي،
ڏکندڙ ۽ پيندڙ بہ تون ئي!
اڻنڌيو جي صورت تون ئي،
پگت بہ تون ئي، تون ئي ڀڳتي!
تون ئي پاڻ کي ڏين ٿو شڪتي!!
اِها مانسڪ ياترا،
سِلسِلي سان جي ڪٽ نہ ڪئي ٿو،
پنڪي وينديون
اونهن ۾ اڪي وينديون!
پهچڻو پاڻ تائين آهي توکي،
پر ڪٽو اٿي پنڌ
پيچوان جي تالي ۾!
هن سڄي گورک ڌنڌي جي،
اِها ئي هڪڙي مکيہ ڳنڍ آھ!

٣٢

مون هڪ ئي جنم ۾،
هزارين جنم
وَتا آهن، او سُئيما!
ڪتان ڪان ڪئي پهتو آهيان،
جو اڄ ڪيترين ڳالهين،
لکين پيون ٿيون سپنا،
الائي ڪٿهن جا

جيسين ڏيري ڏيري،
ڏنڌ سان ڏنڌ ٿي نه وڃن!
اِهي آئوڪا تاج محل
صدين کان جُهريندا آيا آهن.
ڏنڌ سان ملندا آيا آهن!
آيا به صدين تائين،
جهريندا رهندا.
جهريندا رهندا!
ابد تر سال.
ان کان پوءِ وارا سال
ان کان به پوءِ وارا سال!
اِهو چڪر هلندو رهندو،
۽ اِنسان
ايندو رهندو. ويندو رهندو!
تاج محل جُهريندا رهندا!
پنهنجا پنهنجا تاج محل!!

(٣٦) گيت

پرکن جي شرڏن ۾ جڏهن مون،
تنهنجو نالو جوڙيو،
ڪٿي ڪٿي مون کي گهاوَ ٿيا ۽،
ڪنهن ڪنهن هانءُ مروڙيو!
وقت، تنهنجي پلهاڙي!
چوٽ چڪي تو ماري!!

١. تنهنجو ساٿ چنوٽني وِيا هڪدم ڪيئن سهارا،
مون کي ڪل ڪهڙي نه جڙيل ها، تو سان منهنجا ستارا،
ڪنن جني لپ پاڻي ملٽو، اُتي پياڳه مون کي بوڙيو!
پرکن ... ...

٢. ايڪ رستا، ايڪ راهون، دِل به هميانه کووَ ڏجي،
ترپ تني ڪنهن لئه ڪا پڌا، پوءِ نه اُنهيءَ کي سڌ هجي،
ڪنهن طاقت، منهنجن جذبن کي، ڪِلي ميان آ کوڙيو!
پرکن ... ...

٣٤

تون سگهه نه سمجهڻ ڏيندين !
مون کي ڪو سُگهه نه وڻڻ ڏيندين !
جڏهن به چونڊيندس ڪو نَشو ،
تون ڳوڙهو بڻجي ايندين !
مون کي ڪو ... ...

٣٥

پنهنجا پنهنجا تاج محل

تنهنجي وڃڻ کان پوءِ ،
سُسئيا ! مون ڄاتو :
شراڏ جو مطلب ڇاهي
ڪباوَ جي ڇا هي معنيٰ ،
ريتون - رسمون ڇا لاءِ آهن !
اِهي ننڍڙا ننڍڙا ،
تاج محل آهن ،
جيڪي اسان پاڻ اَڏيون ٿا ،
پاڻ ڏِسون ٿا ،
پنهنجي درد جو پاڻ ديدار ڪريون ٿا !
روڄ ، ڳوڙها ، هائڪا ،
چوڏس جون آهن ڇانڊوڪيون ،
جن ۾ تاج محل جي سوڀيا
درد- جُدائيءَ وانگر ڀڙڪي ٿي !
اِنهن تاج محلن لاءِ
اَسان جي ديوانگيءَ جيڪو ملهه آهي چُڪايو ،
اُن جو تصوُر
شاھ - جهان
سؤ سپنن ۾ به ڪري نه سگهندو !
اَسان جا پنهنجا تاج محل
تيسين سا پيا هوندا آهن

سوال : جيڪڏهن طوفاني لهرون سمنڊ کي ڏهين
تائين ڇڪي اچن ۽ ٻڏڻ کان بچڻ
ناممڪن هجي ته توهان جيڪر ڇا
ڪريو ؟

عيسائي: مان پنهنجي هر ديه تي ڪراس جو نشان
ٺاهيندس ۽ پرماتما کي پرارٿنا
ڪندس. ته منهنجي داخل ٿيڻ لاءِ سرڳ
جا دروازا کولي ڇڏي.

مسلمان: مان الله جو نالو وٺندس ۽ چوندس
ته اهائي قسمت آهي ۽ غرق ٿي
ويندس.

يهودي: مان پرماتما کي ڌنيواد ڏيندس،
هنجي مرضيءَ کي اکين تي رکندس
۽ پاڻيءَ جي هيٺان رهڻ سکندس.

ورات جي اِڇا کي سويڪار ڪري
ان مطابق رهڻ، هلڻ ۽ جيئڻ
جي سکيا وٺڻي آهي. اهڙا جيا
اِهائي ڪلا آهي. اِهو ئي رهسيه
آهي:
جو تنهن ڀاوي سوئي ڀلي ڪار!
تون سدا سلامت نرنڪار!!

اُنتِم آڌارُ

سُوترُ: پنهنجي هانؤ کي رُوپ جو ڪوئي به
انگ لامحدود رُوپ ۾ ڦهليل سمجهو.
(ڀيرو تنترُ: ڀڳوان شِو)

ڪلپنا ڪندؤ ته پنهنجي مٽي کي برهمانڊ
جيڏو ڦهليل - لامحدود : اسيم. محسوس ڪندؤ
اُن سمهيه جو آنند به اسيم هوندو ۽ اهڙي
ٿي آنند جي حالت ۾ چئبو ويو هوندو:

رشي: اهم برهماسمي! (سمپورڻ آهيان)
منصور: انالحق! (سمپورڻ آهيان)
سرل ارٿ: ڪلپنا ۾ ٿي پاڻ کي اهڙو ڦهلايو جو
اسيم ٿي وڃو. توهان رهو ئي نه، فقط
پُورڻتا رهجي وڃي!

اسٿري ۽ پرش جڏهن پاڻ ۾ ڀرپور
پيار پائن ٿا، تڏهن هنن جا اُنگ هڪ
ٻئي کي ڇهن ٿا. آمهون سامهون
ٿيل انگن مان هڪ طرف جا ڪي نفي
آهن ته ڪي شفي ۽ ٻئي طرف جا به
ڪي نفي آهن ته ڪي شفي. نگيٽو ۽
پازيٽو شڪتين جي ملڻ سان جيڪي
لهرون پيدا ٿين ٿيون. اهي ئي مها-
آنند جو سرُوپ آهن!

پريم هجي يا سمڀوگ، اسيم ٿيڻ
جو اِهو به هڪ رستو آهي- اِها به
هڪ پل آهي.

۲

آنند ڏئيڻو اپار ماتا جي اکڙين جو پيار،
ماتا جي پرسان ملي ٻيڄڻن دل کي قرار!
ماتا جي ديدار لئه ڪيڏو ڦُٿِس بيقرار،
ماتا جو درشن ڪري ڪيڏو مليو آ قرار!
آنند ... ...

۱. جيڪو سوالي تنهنجي در تي اچي ٿو،
خالي اچي ٿو سدا پر ڀري وڃي ٿو،
تون ماتا وِڏاتا،
تون ڀيڄونڻ داتا،
تنهنجي ئي چائنڻ چمي، لوڪ ورڌان پاتا!
آنند ... ...

۲. جوتيون جلائين شل ڀاڳ ڄڳائين،
ٻچڙن جا ماتا سدا ڪشٽ مٽائين،
اسان تي مهر ڪر
دِيا جي نظر ڪر
ٻَلُ ٻُڌي ڏي صَبرُ شير جيان نِڊر ڪر!
آنند ... ...

۳. دُشمن ۽ پاپين گھڻو جڳ کي ستايو،
ڀڳتن کي ماتا، سدا تو ئي بچايو،
تون ڪشٽني ڪنامو،
سڀني جو سهارو،
جوت تنهنجي سدا ڪندي رهندي اُجارو!
آنند ... ...

ڌُن: ديکا هئه پهلي بار ... ...

آهي ماتا سڏيو- هلو هائي ٿي هلو !
شيران واليءَ جي در- ڏَپُ آ ڇا جو ؟
آهي ... ...

١. جيڪو درشن ڪري
ننڍڙن جهولين پري
دوڙ ڏکڙا ٿين
ڪشٽ ڪٽيا وڃن
جيت هرهنڌ ٿئي
مانُ هرڪو ڏئي
دل ۾ سنسار ڪي وڌيو آن توں ڇو ؟
آهي ... ...

٢. شيران والي آمان
ننڍڙي هرڏاڪي تان
مان صدقي وڃان
جندُ قربان ڪيان
ننڍڙي درجي مٿي
پنهنجي نيڻن رکي
جڳ ۾ گهمندو وتان مان ٿي سرهو !
آهي ....

٣. روپ شڪتيءَ جو تون
ياءِ ڀڪتيءَ جو تون
سڀ جو آڌار تون
آهين سنسار تون
لوڪ تيئي گهمي
آهي ڀڪ مون ڪئي
ڪين آبو نظر تو جهڙو ڪو !
آهي ... ...

جيئه سنڌيءَ تي سوار ري!
ٻم ٻولا ڀنڊاري! جڳه جا ناٿ!.....

۴. تون ئي امرت، زهر به تون ئي،
رحم به تون ۽ قهر به تون ئي،
ويرانين ۾ تنهنجو واسو،
رونق وارو شهر به تون ئي!
هر هنڌ تون، هر جاءِ تون!
گمراهه کي ڏڳ لاءِ تون!
شڪنين وارا، او جٽاڌاري!
ٻم ٻولا ڀنڊاري! جڳه جا ناٿ!......

(۴)

- صبح سويرو ڏياءِ گروءَ کي،
جيءَ ۾ ڏي تون جاءِ گروءَ کي،
ڏوهه ڳُنهه بخشاءِ گروءَ کان،
رڳ رڳ ۾ تون رچاءِ گروءَ کي!
ڏياءِ گروءَ کي، ڳاءِ گروءَ کي،
روئي رحمت لاءِ گروءَ کي!

- (سهڳان) جئه ٻوليو نانڪ شاهه جي،
جئه هيڻن جي همراهه جي،
جئه شاهن جي ٻي شاهه جي،
جئه جڳ جي پُشت پناهه جي!

- ڪوڙي ڪايا، ڪوڙي مايا،
جڳ آ سپنو، جڳ آ ڇايا،
سپنا ڪوڙا خواب اجايا،
ڪيڏا ٻل تو صفت وڃايا،
هاڻي ٻيڙ وَسُ اوتَ گروءَ جي،
نام جپي ريجهاءِ گروءَ کي! (سهڳان) جئه ٻوليو...

شوَ شنڪر ڪئلاشپتي ٻم ٻولا ڀنڊاري.
جڳ جا ناٿ! وڃان مان تنهنجي ناليءَ تان ٿي ٻلهاري
شِوَ شنڪر... ... ...

١. مهما ڏنيسي تنهنجي نرالي.
ديون جا ديو! او جڳت جا والي.
آيا آئي تنهنجي در جا سوالي،
سڀ کي پريندين، ڇڏيندين نه خالي.
جڳ جا پِتا! توکي ڇڏي،
ٻالڪ وڃي ڪنهن کي سڏي،
توئن ئي ٻڌاءِ او ڀنڊاري!
ٻم ٻولا ڀنڊاري! جڳ جا ناٿا!.....

٢. هڪ لوٽيءَ سان لال ڪرين ٿو،
ٻڪين کي خوشحال ڪرين ٿو،
تو جهڙو ڪوئي ديو نه ڏٺوسين،
جيڪو سڏيئي تنهنجي ٻڌين ٿو،
ڪريا دَيا ڦل ڏي مِنا،
پنهون ٿا اسان اِهائي دُعا،
جڳ جي تو ٻيڙي آ تاري!
ٻم ٻولا ڀنڊاري جڳ جا ناٿ!.....

٣. ڀنگ ڌتورا ڀِڪ سان کائين،
رک ڀسميءَ سان انگ سجائين،
پريت پشاچ ٻه نانگ ٻلائون،
کهڙا نمونا ناٿ! ٿو پالين!
توکي ڏِسو اهڙو وئسو.
تنهنجو اُهو واهڻ ٻئسو.

ڌُن: هم تو جدائي پر اڪيلي ڇپ ڇپ ڪي رويا ڪرتي ٿي!

تون عشق ، تون عنار ،
تون منزل ، تون ستار ،
سمو جگ آ سوالي ،
تون تن لوڪن جو والي ،
(سمگان) جئه ٻوليو... ... ...

(۵)

واه ! واه ! او سائين !
جيئن پيي هلائين !
تنهنجو در جهليو ٿم ،
متان تون ڀُلائين !!
گهجي م ڪپڙو پائي ،
پيو چاڪر پاڙائي ،
نه م ٿي آس منهنجي ،
تون ٿي آسرو !
تنهنجي در ٿي جيڪو ايندو ،
تنهنجو شان اونچو ٿيندو ،
نه م ٿي آس سڀ جيا ،
سڀ جو آسرو !
واه ! واه ! او سائين !

۱. نه ٽڪن جا سهارا ،
اَبوجهن جا آذار ،
اَناٿن جا وسيلا ،
او بيواهن جا حيلا ،
غريبن جي تون دولت ،
اپاڳن جي تون قسمت ،
پرين ٿو جهول خالي ،
تنهنجي سرڪار اعلى ،
وڏو آ مان تنهنجو ،
بُلند آ شان تنهنجو ،

١. سچا ڪرتار نانڪ .
تنهنجي لوڪن جا مالڪ .

سڀئي سرڪار تنهنجي .
سڀئي دربار تنهنجي .

سڀ آ نام تنهنجو .
سڀ آ ذام تنهنجو .

ڪيون جئڪار تنهنجي .
هِئين جا ٺار تنهنجي .

جڳت آڌار تنهنجي ،
ڪيون جئڪار تنهنجي
(سڳان) جئه بولبو نانڪ شاه جي ... ...

٢. نماڻن ماڻُ آهين .
سدائين ساڻُ آهين .
غريبن جا وسيلا
حمايت، پشت، حيلا .
سدائين ڪَجهه سڻائي .
وڏي تنهنجي وَڏائي ،
پنڌ اڻا تون پرينديں .
سدائين وينو ڏبينديں .
اَسان جي آس تو پر .
اَٽلُ وشواسُ تو پر
(ڪورس) جئه بوليو نانڪ شاه جي ... ...

٣. جهڪيا جي تنهنجي سامهون .
نه جُهڪندا ڪنهنجي سامهون ،
تون خود مختيار آهين .
وڏي سرڪار آهين ،
سڀ سنسار تنهنجو .
ڪُلي جنسار تنهنجو .

فقط تنهنجو رهان مان.
نہ ٻئي ڪنهنجو ٿيان مان.
ڪڏهين تون ٻہ هجان مان.
پلڪ ڇڏي ٻيو رهان مان.

۴. مون کي ڪا چاهہ ناهي.
ٻي ڪا راهہ ناهي.
سڄو سنسار ڪوڙو.
ٻہ هي گهر-ٻار ڪوڙو.
خزانا ڌوڙ آهن.
جو هلڻا ساڻ ناهن.
سڀ آنان ۾ تنهنجو.
سڄو آ ڳاڻ ۾ تنهنجو.
ملي تنهنجو سهارو.
نہ پوءِ آ خوف ڇاجو.
ٽري سنسار ويندو.
ٽڪن کان پار ويندو.

٦

• جوٽيون جلايان اکو پائي جل کي ڏيايان.
پنجڙا ڳايان مان تنهنجي ٿانءَ تي!
سيس نوايان صدق سان پلئہ ٻہ پايان.
صدقي وڃان جلپڻ پڳوان تي!!
• ڪشٽ ڪٽين ٿو سائين جهول ڀرين ٿو.
سڀ تنهنجي وس آهي!
در دنيا جا سڀ مون پيٺيا.
تو جهڙو ڪوئي ناهي!!
جوٽيون جلايان ... ...
• جهولڻ جي در جي مهما نياري!
قدمن ۾ تنهنجي دنيا ساري!!

ڌن :- گوري هٿن ڪلائيان.....

نه ڪو تنهنجي برابر.
اِهو سچ آ سراسر،

آڪاش آهِ ٿالهه. سج چنڊ جا ڏِيا.
ڏينهن-رات جَنِ ٻيا ٿا.
تنهنجي ئي آرتي.
واه! واه! او سائِين!

۲. نَڪو گهرجي ڪا دؤلت.
نَڪو گهرجي حڪومت.
نَڪو سنسارُ گهرجي.
تنهنجو بس پيارُ گهرجي.
اَسين تنهنجا ديوانا،
تنهنجي دَر جا مستانا،
رهين ٿو تون نظر ۾.
وسين بَرَ ۽ بحر ۾.
هيءَ ڇانئو ۽ ڌُوپَ دُنيا،
تنهنجا ئي روپَ دُنيا
ڪمزور جا او زور! بيوس جا سهارا!
تنهنجيءَ ديا جي معنيٰ،
ڪُنَ ۾ به ڪِنارا!
واه! واه! او سائين!

۳. مون کي آڌار تنهنجو.
کپي ٿو پيار تنهنجو.
منهنجو دلدار آهين.
اکين جو نار آهين.
گلي جو هار آهين.
سچو سردار آهين.
نِشو اهڙو پيري چڙهي،
مون کي ٻيڻو ڏکري چڙهي،

١. مسڪينن ني مهر وَسائين ٿو سَدا،
ٻيڙيون ٻيڙا پار لڳائين ٿو سَدا،
برپٽ ۾ پيي باغ لڳائين ٿو سَدا،
درد مندن جا درد مٽائين ٿو سَدا،
آمر اُڏيرا ! آءِ جيون ۾،
ڏينهن سيا ڳا چڱا !
جَهما ... ...

٢. نربل نرڌن بيوس جو آڌار تون،
جنهنجو ڪوئي يارُ نہ تنهنجو يار تون،
پل پل هر ڪنهن کي ڏين ويئو پيار تون،
سُک جو ساگر راکو راکٽهار تون،
لهرون تنهنجون موج مچائينِ،
جوتين لاٿي جَهما !
جَهما ... ...

١. جل سان ساڙو جڳت ھلائين ،
جوتين سان تو ڪيان وڏائيون ،
شڪتي ڀڳتي جا او ڀنڊار !
دنيا ھلي ٿي تنھنجي ڏان ٿي !

امر لال جو آ جنھنکي آسرو ،
تنھنجا ڀڳتا ترندا !
لکه وير يا ھڪ وار به تنھنجو ،
ونگو ڪري نه سگھندا !!
جوتيون جلايان ... ...

٢. مڌر منوھر مورت پياري ،
جنھن به پريم سان من ۾ وھاري ،
تنھنجي زندگي ٿي وئي بندگي ،
آنَندَ ئي پيھر تون آن ڏيان ٿي !
جوتيون جلايان ....

٧

جُھما جُھما جھولي ،
جھما جھما جھولي جُھما !
جوتين ۾ تون ئي ،
لھرن ۾ تون ئي ،
ھُتي ھِتي تون ئي ،
جتي ڪِٿي تون ئي ،
ٻئي ڪنھن ڏي ڇو مان وڃان ؟
تنھنجي اڳيان ڇونه گھنگھرو پائي ،
نچان مان ، ڇما ڇم ڇما !
جُھما ....

ڏُنِ : ٽما ٽما لوڪي ،

بلندين کي ڇهڻ لاءِ هڪ اهم ڏاڪو
ڪري ميمبو آهي !

پوکِيه، نِباگِيه، ٽَڙپُ ۽ پُهچُ !

ڪَونائُون

(١)

وينڊر وبڻ کي ٿو ڏاڍا سوُرَ ڏِئي،
ڪرم جو چڪر پوءِ ٿو اِن ريٽ ٿئي،
ڪهڙي جنم ۾ ڪوئي ڪنهن سان ڪيئن هلبو،
ڪهڙي جنم ۾ ڪير ٿو ڪنهنجو خون پيئي.

(٢)

جيئڻ لاءِ نه جُنِ آهه .

ڪرم- ڦل جو درشن،
پنر جنم جا مونجهارا،
ڀوت- پريت- پشاچ جُونين جا خوف،
تانترڪن جا مايا- جار،
مسائڻ ۾ آتمائن جا تانڊَوَ- نرتيه !

ڪلندو- کڙندو، نچندو- ٽپندو
جهومندو، لهرائيندو ۽ ڳائيندو،
پاڻ ئي اننت چرڻ ۾ بيبر ڏرن وِکه وَڌاءِ !
ديهه جي ڪشش موانت ٿي رهبو آ ها،
اُن ڪانپوءِ ته،
شونيه جي ڪيهه سماگر ۾.
الوُڪڪ آنند جي شيش ناگ تي،
سمهندو، آرام ڪرڻو آهي !

جذبن ۾ اُڏمڻ جي ناهي سمجها.

پرماتما ۽ پريم.

پرماتما پريم آهي. پريم پرماتما آهي!
پرماتما وانگر پريم جا پڻ ٻه درجا آهن:
ساڪار ۽ نراڪار!

پرماتما جو پڻ پراپت ڪيل ڪنهن حقيقي يا خيالي انسان جي تصوير وانگر ٻنهي پريتم جو شرير پريم جو ساڪار، سگڻ روپ آهي. اسان، ان حالت ۾ پريتم جي ديهه جي سيوا به ڪري سگهون ٿا ته اُن سان سمپرڪ به ڪري سگهون ٿا. اُن کي ڇُهي، چُمي، ڀاڪر ۾ ڀري به سگهون ٿا ته ڏک-ٻجو هٽي به سگهون ٿا.

جو وقت اچي ٿو، اسان جو پريتم اسان کان جدا ٿي وڃي ٿو. ديهه تياڳي وڃي ٿو. باقي رهجي وڃي ٿي، هن جي ياد! اها ياد ئي پريم جو نراڪار ۽ نرگڻ سوروپ آهي! پريم سان لبريز وِيوگ جي پيڙا جڏهن سنسار جي حدون لتاڙي بيحد ڏانهن پرواز ڪري ٿي يا لامحدود گهرائين ۾ غوطا هڻي ٿي، ان وقت پريم جي اها پيڙا ڀڳتيءَ جو روپ ۽ درجو پراپت ڪري ٿي! پريم جي پيڙا ۽ اُن جا رد-عمل نراڪار برهم جي ڀڳتيءَ جي برابر آهن!

ان ڪري ئي صوفي چنتڪن ۽ شاعرن عشق مجازيءَ کي عشق حقيقيءَ جي

* گيت *

اڇي وڃڻ لئه. نهي ڊهڻ لئه
ملڻ جي معنيٰ وڇڙڻ يار!
جڳ جي ريت اِها ئي آهي،
ڏک جو ڪهڙو ڪارڻ يار!

١. هڪ ڏينهن پاڻ، ٻئي ڏينهن ڪوٺيه،
هڪ ڏينهن ويجهو ٻئي ڏينهن ڏور،
هڪ ڏينهن نوڪي جو سونئيو ويو.
ٻئي ڏينهن ٿيو سوار اُپڙ يار!
ڏک جو ڪارڻ ... ...

٢. بازيگر جي مايا ۾ جي،
ڦاٿو آهين بازي کيل،
آنڌي ماڻ تماشي جو نون،
ڪر نه ڪڏهن پر روڌن يار!
ڏک جو ڪارڻ ... ...

٣. ڪلندي ڪلندي ڦير سدرشن،
نچندي نچندي راس رچاءِ،
جاڻ جڳت کي اصل جو پاڇو،
ساڳيو موٽڻ ۽ جيئڻ يار!
ڏک جو ڪارڻ ... ...

٤. هڪڙي ايندي هڪڙي ويندي،
ڪهڙي رهڻي آهي مَنُ؟
جيون ۾ جي ڦاڳڻ آيو،
اچڻو ئي هو ساوڻ يار!
ڏک جو ڪارڻ ... ...

ڇا محبوب ڇا نه محبوب،
ڪيئن ڇوڻ ڪيون .
ڪيئن ڪيون فيصلو .
ڪيئن ڪنهن تي وشواس ڪيون،
ڪيئن ڪنهن لاءِ انڪار ڪيون!
جيون جي منزل موت ته آهه برابر،
پر مري ورِي واپس ته اچي نه سگهبو!
موت جو رهسيه،
مري، جي سمجهي به وڃبو .
ليڪن ڪنهن کي ڏسي نه سگهبو !
موت سدا لئه هڪ راز ئي رهندو .
شايد اِهو رهسيه ئي .
موت جي ،
پيا سُڪنا به آهي ته سونهن به آهي!

(٣) دوها

١. آنسون نيل، زخم، ڏنا هنڙي دل بيمال !
ڏکيو ڏيارئ جو پرب، ڪٽي آيو هي سال !!

٢. منهن ڦيري وئي روشني، وڌي ويو انڌڪار!
پريل ڦٽاڪن جو مٿي هستي هڪ انبار !!

٣. گڏ هئاسين ته پتو نه پيو، وڇڙڻ آهه نصيب!
ڪاٽي ٽوکي سڏي وجي، دل جو پيار غريب!!

٤. هِنَ ڏيارئ تي تو ڏني، خوب اُملهه سوغات!
گوڙهن جي وِهه بدل، برهه جي ڪاري رات!

٥. ڏگه تنهنجو روشن رکي، مهاڪال جي جوت!
هميشه جيتي به اُتان پلي، موت تي گوڙها اوت!!

مايا جو سنسار متيا .
پر اُن جو بنياد .
ڪيترو نه منو ويگيانڪ !
ڪيترو نه مضبوط !!

تڏهن نه رشين هر ڳالهه چئي ،
جيو : نيتي ! نيتي !!

ڪرم ڦل

پرماتما جي نظرن ۾ جيڪو خراب ڪرم آهي ، ڪُڪرم آهي . اُن جو ڦل ، سزا جي روپ ۾ ، جيڪڏهن ڪنهن اِنسان وٽان مون کي ملي ٿو ته جڻ ڪرم ۽ ڦل جو هڪ سلسلو جاري ٿي ٿو وڃي چو ته ٻئي جو مون سان ڪيل وهنوار جيڪڏهن مون لاءِ ڪڪرم جو ڦل يعني سزا آهي ته سامهون واري لاءِ اهو خود هڪ ڪڪرم آهي جنهن جو ڦل يعني سزا هن کي ڀوڳڻي پوندي .

پر جيڪڏهن مون کي ڪنهن خراب ڪرم جي ڦل جي روپ ۾ سزا پرڪرتيءَ وٽان ملي ٿي ته پوءِ ڪرم ۽ ڦل جي چڪري کي اُتي جڻ ته پورڻ ورام اچي ٿو وڃي . ڪرم ۽ ڦل جو سلسلو اڳتي نه ٿو وڌي .

مون ڪنهن کي دوکو ڏنو ، ڪنهن ٻئي مون کي دوکو ڏنو . ڪرم ۽ ڦل جي چڪر جي جڻ ته شروعات ٿي وئي .

(٥)

دوهو

آتشبازي تن ميان، ڪال جي هٿ ۾ باه!
ڪولي در بيٺو سمٽ، پوڄه ديهه جو لاه!!

(٦)

ڪايا ته آهِ سنسار،
وڪارن جو گهر.
پرمن ـ سنسن جو آشرم.
روڳي، بدبُودار،
ان لاءِ آننم گتي.
سواها! سواها! سواها!
پر. اُن گند ـ ڪچري ۾،
ڪمل نواس ڪريٿو !
آتما!
جنهن ڪبي ٿي ٽڪُ ڪرائي آهي.
سڀي ـ سموري ياترا !
اُها به اِن لئه
ديهه جو پڃرو ڇنڊي ٿي،
آزاد اُڏام پري ٿي !

اسان چاڪ وٽ رکي سگهون ٿا.
ديهه جي حوالي سان.
ياد جي سؤغات!
ڪرم ـ ڪانڊ ڪريون ٿا.
دان ـ پُنع ۽ شراڌ ڪريون ٿا.
ياد جي سؤغات ڪبي.
تازو نوانو رکڻ لاءِ.
ياد جي ڦُولَ ڪبي.
سگنڌ ٻين سان.
ڀرپور رکڻ لاءِ!

جنم لگنم



جنم: ٢٢ نومبر ١٩٣٧ (١٨ ڪارتڪ ١٩٩٤)
سومر ڏينهن .
جنم نام: هيرو .
پرسڌ نام: منوهر .

جنم لگنم



جنم: ٣ فيبروري ١٩٣٨
جنم نام: دروپدي
پرسڌ نام: سُشما (وواهه جو)
مهنيو: ٢٤ جون ١٩٩٧ منگلوار صبح ٦-٣٠ بجي .

مون ڪنهن کي ڌوکو ڏنو. قدرت اُن دوکي
جيترو يا اُن کان ٻه وڌيڪ منهنجو نقصان
ڪري ڇڏيو. ڪنهن ٻه روپ ۾. نه سمجهبو
ڪرم ۽ ڦل جي سلسلي جو انت ٿي ويو.
اُن کي توهان چاهيو ته آخرين فتوي
(Last Judgment) چئي سگهو ٿا.

ڪنهن کي ڏوهه نه ڏيو. چونه ڪشپتلين
جي گلي ۾، ڏور وڏي آلا ڏاهي!

منوهر ٻيدي - ساهتيه

چپيل: ڪاويه:

١. رات رهندي نه سدا.
٢. جهرمر
٣. گيت
٤. سرا پيل ٻگه.
٥. پکي وڃي (ديو+عربي) ڏاميو ديس.

" : اُپنياس:-

١. ٻئوني ڪئيت.
٢. آنسو جو رشتو.
٣. ڪاري چاندني.
٤. گمراه

" : ناٽڪ:-

١. پنجون شخص.
٢. رنگ پوُمي (ايڪانڪيون)
٣. روپڪ (ريڊيو ناٽڪ)

" ڪهاڻيون:-

١. هرا سيل پيڙهي

منوهر ٻيدي جگديش لپاٽي اِسڪرپٽ ساهتيه

١. جوڳي جادو لائي ويا.
(ڊ.٣.٣ جو انعام مليل)
٢. ڳليءَ ڳليءَ تو ڳايان.
٣. پوُ ڦٽي پوپٽي.
٤. ڪر ٻونه تنهنجو ڪير.
٥. جل ۾ جوٽين وارو.
٦. نيٽين ننڊ حرام.
٧. حق ڪوئي کسي نه سگهندو.

ٻال اُپنياس.

١. ملي ڪبو مقابلو.

① اِتهاس.

آڪٽوبر ١٩٦٥ع ۾ منصهي شادي ٿي. ١٩٦١ع جي شروعات ۾ مون هڪ ڪتاب-ڪاويه لکڻ شروع ڪيو. جنهن تي نالو ڏنم: "هوءَ ۽ تون!" اهو ڪتاب ڪاويه لکڻ جي مراد اِها هئي ته هڪ عاشق مزاج شاعر جي زندگي شاديءَ کان اڳ ۽ شاديءَ کان پوءِ ڪيئن ٿي گذري ۽ اُن ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون تبديليون اچن ٿيون. هڪ رنگين طبيعت شاعر شاديءَ کان اڳ ڪيترين ئي ڇوڪرين/عورتن سان جسماني/جذباتي تعلقات رکي ٿو. زندگيءَ جي ان حصي کي مون "هوءَ" ڀاڱي ۾ قلمبند ڪيو.

شاديءَ کان پوءِ آواره طبيعت ۽ هرجائي خيالن کي هڪ مخصوص دائري ۾ قيد ڪري پنهنجيءَ پتنيءَ جي اڳيان پيش ڪرڻو پوي ٿو. اها تبديلي ڏاڍي ڏاڍي سڀاوَ جو حصو بڻجي ٿي. اِهو ئي سبب آهي جو "تون" ڀاڱي وارين شروعاتي ڪوتائن/رچنائن ۾ هڪ قسم جي اُڃا نري بيرخي ۽ زوريءَ ڪنهن سان جُڙڻ جي ڀاونا صاف ظاهر آهي. نه چاهيندي ۽ بنا ڪوشش جي من جي تصوير ظاهر ٿي وئي آهي.

ڪيئن سال گذري ويا. "هوءَ ۽ تون" ڪتاب-ڪاويه اڻ ڇپيو رهيو. پنهنجين اڻ ڇپيل رچنائن کي جڏهن اُٿلايم-پٿلايم ته ڏسندو هوس ته اِهو ڪتاب ڪاويه ٻين ڪيترن ئي ڪتاب-ڪاوين سان گڏ نظر ايندو هو ۽ وري ٻين رچنائن سان ملي ڪتاب ۾ بند ٿي ويندو هو. وقت گذرندو رهيو. "هوءَ ۽ تون" ڪتاب-ڪاويه منهنجي لاءِ ڪا ئي خاص قسم جي ڪشش يا ڇڪ ڪونه رکي ٿي.

مَنوهَرُ بيدي

جنم	ڪنڊيارو (سنڌ) ٢٢ نومبر ١٩٣٧.
تعليم	ايم. اي (هندي، انگريزي، سنڌي) بي. ايڊ.
شادي	آڪٽوبر ١٩٦٥ (اَجمير) (عجب! تاريخ ياد ڪونه آهي!!!)
پتني	سُشما (دروپدي) ٣ فيبروري ١٩٣٨.
نوڪري	ايس. آر. سي. آديپور (ڪلارڪ - ٽائپسٽ) ڪنڊلا پورٽ پراجيڪٽ. گانڌيڌام (جونيئر ڪلارڪ) سنڌو. ايڊ. سوسائٽي - الهاس نگر (ماسٽر) (جولاءِ ١٩٦٢ کان نومبر ١٩٩٥ تائين)
اولاد	١. گريش - ١ فيبروري ١٩٦٣. (شادي ٢٥ ڊسمبر ١٩٨٦ (آروٽا نسان (٢. سنبل - ٥ مئي ١٩٧٥. (شادي ٩ فيبروري ١٩٩٧ (جيوتيءَ سان (

سُشما جو ديهانت: ٢٤ جون ١٩٩٧.
(منگل: صبح جو ٣-٦ بجي)

"پکي اڌ امبو ديس" ڪنڌ. ڪاويه ۾ سنسار ۽ رشتن
جي بنياد ۾ موجود جذباتن جي اندر ڏنشي رنگن جي
صداقت ۽ سچائيءَ سان ڀرپور انيڪ ڪرڻ موجود آهن.
هن ڪنڌ ڪاويه جي پسندگيءَ جي سبب ڪبيرَ ئي آهي يا
ٿيندي ۽ اهو مان چئي نه ٿو سگهان پوءِ ته ڪنهن به رچنا
جي پسندگيءَ جو دارومدار سامهون واري انسان جي دلي
ڪيفيت، جذباتي حالات ۽ زندگيءَ ۾ حاصل ڪيل
تجربن ۽ حادثن تي رهي ٿو.

هن رچنا جو سهارو وٺي مان هڪ ڳالهه صاف
صاف چوڻ چاهيان ٿو ته عموماً منهنجون جمليون رچنائون
پنهنجي لاءِ، پنهنجي جذبات کي سهارو ۽ اظهار ڏيڻ لاءِ،
پنهنجي من کي ونڊرائڻ لاءِ ۽ پنهنجي تمنائن جي
تشنگي مٽائڻ لاءِ وجود ۾ آيون آهن. مان دنيا کان
الڳ هستي رکان ٿو؟ دنيا مون کان الڳ وجود ۾ آهي؟
مان دنيا آهيان، دنيا مون ۾ آهي.

سنسار ڇا آهي، رشتا ڇا آهن. موه جي
جڙ ۾ ڇا آهي. واسنائن جون مرگه ترشنائون
ڪيترو ڪون ڇا پنليوا آهن؛ پيار جو روپ ۽ آڪار
ڪهڙو آهي. پيار پوڄا جي صورت ڪڏهن ۽
ڪهڙين حالتن ۾ اختيار ڪري ٿو، شرير جي بدبوءِ
آتما تي حاوي ٿي پوي يا آتما جي خوشبوءِ شرير کي ئي
معطر ڪري ٿي ڇڏي، موت پورڻ ورام آهي يا
ارڌ ورام. هستيءَ جي مڪمل ياترا ۾ موت ۽ زندگيءَ
جي ڪهڙي ضرورت ۽ اهميت آهي. موت سدائين
لاءِ جدائي وجهڻ جي ڪريا آهي يا ٻيءَ جڳهه تي ٻيئي

زندگيءَ ۾ جيڪي اُتار اُٿلون پٿلون آيون ۽ جيڪي
مشڪل اوچتو چاهي آهستي آهستي اچڻ وانگر سامهون
آيا اُنهن کي مون ۽ سُشما گڏجي منهن ڏنوسين.

باهرون اُجاڙو، سطحي ۽ ڪن حالتن ۾ ناپسنديءَ
جي ميل پاڻ جوائتو چنڊبندڙ بڻي- پتنيءَ جو رشتو پيپل جي
وڻ وانگر، اندران ئي اندران دل جي اندرين تهن ۾ ويو
جڙون ڦهلائيندو ۽ مضبوطي حاصل ڪندو.

مئي ۽ ۱۹۹۷ جي پڇاڙيءَ ۾ سشما جي لوِرِ (Liver)
جي ڪئنسر سامهيءَ جي روپ ۾ ظاهر ٿي ۽ ۲۴ جون ۱۹۹۷
منگل جي ڏينهن پرڀات ويلي ۶-۳۰ بجي هوءَ
اسپتال جي چڪر ويوه ماڻ ۽ زندگيءَ جي لاهين چاڙهين
کان هميشه هميشه لاءِ مُڪت ٿي ويئي ۽ منهنجي
مان گوڙهن سان آلا ٿيل لفظ نڪتا: "پکي اُڏامي ويس!"

اِجهو ان طرح "هوءَ ۽ تون" جي عنوان سان
شروع ڪيل ڪتاب ڪاوڙ "پکي اُڏامي ويس" جو نالو
ڌار ڪيو ۽ پتيءَ جي طرفان پتنيءَ کي ارپت ڪيل
هڪ لنبي شرڌانجلي بڻجي ويو!

❀ "پکي اُڏامي ويس" جي ترتيب ❀

		ڪوتائون	صفحا
○ ويوگ-کنڊ	هُن بابت	33	5-22
○ سنيوگ-کنڊ	سُشما سان شادي	12	23-29
○ وئراگ-کنڊ	سُشما جو مهينو	36	30-57
○ آتم آڌار		7	58-69
○ جڏهن ۽ اُڏامڻ		6	70-76
جي ناهي سيما		2 اُڏر	

جيڪا اُن وقت اجمير ۾ رهندي هئي.

مان خوش ٿي ويس. منهنجي جنم-پتري ڏاهيندڙ برهمڻ چيو هو ته مان راجائي طبيعت جو انسان ٿيندس. اُن گفتي جو صاف صاف مطلب اِهو ٿيو ته مان خود ڪوئي به ڪم ڪرڻ نه چاهيندس. عياشيءَ ۽ من موج سان ڀرپور زندگي پسند ڪندس. ٻين کان ڪجهه به وٺندي يا قبول ڪندي ذرا به شرم ۽ حيا محسوس نه ڪندس چوته عام جنتا کان ٽئڪس وصول ڪرڻ راجا جو ڌرم به آهي ته فرض به آهي. گهر جمائي ٿيڻ راجا ٿيڻ جي برابر ٿي آهي. هٿ-پير هلائڻ ۽ محنت ڪرڻ کانسواءِ ٿي سڀ ڪجهه ملي ٿو وڃي. عورت به ته دولت جه! رهي ڳالهه عزت- خودداري ۽ مردانگيءَ جي سو اهو وڏو ماڻهو ٿي کهٽرو وڃڻ ڪي هر قسم جون ڳاريون ته ملن!.

پر منهنجيءَ ماءُ سنتيا ما جا خيال منهنجي آنسن جي بلڪل اُبتڙ ها. هن صاف صاف لفظن ۾ اوم پرڪاش ڏانهن انڪاري جواب موڪلي ڇڏيو. منهنجيءَ پيءُ ڪرڻ ٿي پٿو پيو ته دهليءَ جي اُن سرداريءَ کي گهر جمائي هلي ويو آهي! الٽو ڪري منهنجيءَ ماءُ ڏانهن منهنجي ناراضگي سيا ويئي هئي.

1960 جي شروعاتي مهنن ۾ ٿي منهنجيءَ ماءُ کي نوبدتري (اجمير) ۾ رهندڙ اُداسين ٽڪا ٽيدارن جي ڌيءَ دروپدي پسند اچي وئي هئي. سنهري سهڻي، سڀا جهڙي. شرميلي ۽ گهٽ ڳالهائيندڙ ڇوڪري منهنجي ماءُ کي هڪ آدرش نُونهن جي روپ ۾ نظر آئي ۽ اڪين جي رستي دل ۾ گهر ڪري ويئي! منهنجي ماءُ به

سوچ ۾ ملڻ جو رستو!

جڏهن ان قسم جي سوالن جي جار ۾ ڦاسي وڃبو ته اکين مان چار ڳوڙها ڳاڙڻ چاهين ٿا" پکي اُڏامي ويندي" جو ڪجهه سٽون پڙهجن ٿيون. ڪڏهن سوالن جا جواب ڳُڻا رهندا ته ڪڏهن ڳوڙهن مان سوالن جا جواب ملندا ۽ وري جواب ڪڏهن نون سوالن ۾ تبديل ٿي ويندا! 5.12.97.

(2)

مٿي مون لکيو آهي ته "ٻاهرون اوچائون، سطحي ۽ ڪن حالتن ۾ ناپسنديءَ جي ميلاپ جو اشارو ڇڏيندڙ پيٽي-پٽيءَ جو رستو....." جيئن ته اهي لفظ مون سُشما جي حوالي ۾ چيا آهن ۽ اُنهن لفظن مان ڪنهن به قسم جون غلط معنائون ڪڍي سگهجن ٿيون. ان لاءِ ڳالهه کي خلاصو ڪرڻ ۽ دل جي صحيح صحيح حالت ٻڌائيندڙ سمجهاڻي پيش ڪرڻ اسان ضروري ٿي ٿو پوي!

1959 جي ڳالهه آهي.

اُن وقت مان ڪنڊلا پورٽ پراجيڪٽ جي گانڌيڌام آفيس ۾ جونيئر ڪلارڪ - ڪم - ٽائيپسٽ هوس. ڪانپور ۾ رهندڙ منهنجي هڪ رشتيدار اوم پرڪاش گوسوامي مون کي خط لکيو ته دهليءَ جي هڪ وڌوا سردارڻي پنهنجي اڪيليءَ ڌيءَ لاءِ هڪ گهر جمائيءَ جي تلاش ۾ آهي. اهو به لکيائين ته اُن سردارڻيءَ جو پنهنجو ڪوئي ويجهو عزيز ڪونه آهي ۽ سندس موت کان پوءِ سڀني جائداد جا مالڪ سندس ڌيءَ ۽ نياڻو ٿيندا. اوم پرڪاش اهڙو خط منهنجيءَ ماءُ سٽيا ماءُ کي به لکيو هو.

پوليس اسٽيشن جي هيڊ جي ڌيءَ کي مون هندي پرچيه ۽ ڪووِد امتحانن لاءِ مفت ۾ پاڙهيو هو. ڪجهه سال اڳ شايد 1956 ۾ جڏهن مان خود اجمير ۾ رهندو هوس! اٽڪل سورهن کن سالن جي عمر ۾ يعني 56-1953 ڌاري مون اجمير جي 25 کن سنڌي ماسترن ۽ هيڊماسترن کي خانگي طور هندي پاڙهي هئي. ڇو ته راجستان سرڪار پرائمري اسڪولن جي سينئر آئندي پاسي ماسترن لاءِ هنديءَ جو هڪ خاص امتحان پاس ڪرڻ لازمي ٺهرايو هو. مان خود هنديءَ پرڀاڪر پاس هوس. جيڪو سرڪاري طور بي.اي جي برابر ليکيو ويو هو.

شاديءَ جي ٻئي ڏينهن تي مون ۽ سُشما فوٽو ڪڍايو هئي. جيڪو هن ڪتاب جي آخري ڪورپيج تي ڏنو ويو آهي. چوٿين يا پنجين ڏينهن رات جو خالي رستن تي گهمندي ڦرندي مون سُشما کي پنهنجين اڙٻنگاين ۽ ڪچن، پڪن، سڦل- اسڦل جسماني رشتن جي باري ۾ سڀ ڪجهه ٻڌائي ڇڏيو. سُشما نمرتا پريءَ لاپرواهيءَ سان چيو: "پرواهه ناهي! هاڻي ته منهنجا آهيو!"

سُشما جي ان جرئت، همت، فراخدليءَ، سياڻپ ۽ آتم- وشواس مون کي نه فقط لاجواب ڪري ڇڏيو. بلڪ هن جو مرتبو منهنجين نظرن ۾ ڪافي بُلند ڪري ڇڏيو! سُشما جي منهنجي مٿان اِها پهرين جيت هئي. جيڪا پوءِ ڌيري ڌيري ڦهلجندي وئي، ڦلندي ڦولندي وئي ۽ آخر منهنجي سڄيءَ

۾. ڇڙتو ماڻھن مان ھڪ ھئي. وٺي نه وٺي. ڪيپي معنيٰ ڪيپي. چوڪريءَ جي مائٽن جي پنهنجي پوٽ وانگر ٻڳي وئي ۽ سامت جو سپاويڪ سالا تڏهن ڪنيائين جڏهن چوڪريءَ سان منهنجي شاديءَ جي پڪ ورتائين.

سيپٽمبر ١٩٦٠ ۾ اجمير مان مون کي خط مليو: ”پٽ منل (منوهر جو لکوروپ) جلدي اچ. چوڪري اچي ڏس ۽ پسند ڪر. تنهنجي شادي آڪٽوبر ۾ طئه ٿي آهي.“ دل جي عجيب حالت ٿي وئي. فيصلو نه ٿي ڪري سگهيس نه خوش ٿيان يا ناراضگي ظاهر ڪندي غصو ڪريان. ڪڏهن محل ٺهن ۽ سينگارجن پيا نه ڪڏهن اهڙ گرد ڪندڙ ۽ مون جا ذرا ٿي نظر آيا.

آڪٽوبر جي پهرين هفتي ۾ تار آئي: ”ڍهوپدي جي پاءُ جو ديهانت ٿيو آهي سو شادي هفتو ڪن دير سان آڪٽوبر جي پوئين پڪ ۾ ٿيندي.“ مون سوچيو؟ چوڪريءَ جي مائٽن مون کي زبردست بدنصيب ۽ بين لاءِ آپسوڳي سمجهندي. مگر ٿي شادي ڪئنسل جو نه ڪري ڇڏي!

تاريخ ياد ڪونهي پر شادي شايد آڪٽوبر جي آخرين هفتي ۾ ٿي. رات جو ١٠ بجي کن پوليس جي جيپ ۾ چڙهي ٻئنج باجن سان وڃي ڪنوار ٻتن جي گهر پهتس. منهنجي ماءُ ڏٺي بازار کان توب ڏري تائين سمورو سنو نچيندي هلي! واٽ تي مدار گيٽ وٽ پوليس وارن مون کي قول. مالها پاتي! پوليس جي جيپ ۾ ڪنوار ٻتن تا ٻئن وجڻ ۽ پوليس وارن جو قول مالها پهرائڻ جو سبب اهو هو جو مدار گيٽ

آواز ۾ مون کي چيو. ”سائين پنهنجي پٽيءَ جو اڌ-سرير
مجبي وئي آهي. هوءَ پنهنجيءَ جي پاپ-پنج ۾ برابر جي
حصيدار آهي. توهان جا پاپ مون کي ڏکائي ڇڏيندا آهن.“

مان چاهيان ها ته کيس ثابت ڪري سمجهائي سگهان
ها ته مان نه ڪو پاپي آهيان ۽ نه ڪو گنهگار. پر مون
رهنوئي ڀيو اختيار ڪيو. مون سشما جو هٿ پڪڙيو ۽
آسمان ڏانهن منهن ڪري چيو: ”هي سرو-و پاپي، سرو گيه
۽ سرو شڪتيمان پرماتما! مان سچيءَ دل سان گهوشڻا
ڪريان ٿو ته منهنجن پاپن ۾ مون سان ڀيو ڪوئي به شامل
نه ڪيو وڃي. نه پتني ۽ نه اولاد! مون کي منهنجن پاپن ۽
گناهن جي سزا اڪيلي سر ڏني وڃي. پاپن ۽ گناهن ۾
ڪوئي به منهنجو ڀاڱي ڀائيوار نه بڻايو وڃي.

”هي پرم پتا، اينئرو مان ضرور چاهيندس
ته منهنجن پنن ۾ پليءَ سپنيءَ کي شامل ڪيو وڃي. مان
گناهن جي سزا اڪيلو ڀوڳڻ لاءِ تيار آهيان. پر ثوابن
۽ پنن جا ڦل ونڊيا ورهائي کائڻ چاهيان ٿو.“

اُن ڏينهن کانپوءِ سشما نشچنت ٿي وئي!
مون کي اهو ئي کپندو هو. سشما جو چنتا-رهت من ۽
چهرو! ڪوئي مجبي يا نه مجبي پر ڪائي شڪتي برهمانڊ
۾ اوس موجود آهي جيڪا الک، اپيڙ اروپ، اگم، نرگڻ
۽ نراڪار هوندي به سڀنيءَ سرشٽيءَ کي نڀائي رهي
آهي، کڏائي رهي آهي ۽ نرنتر ليلائون ڪري رهي
آهي ۽ راسيون رچائي رهي آهي!

مورک هوندا اسين اسين جو پاڻ کي ڪرتا (D۰۲۲)
مجبي پيا ڏکه ڀوڳيندا اسين! اسان نه هڪ وِشال چوُپڙ

هستيءَ تي غالب پئجي ويئي . 6.12.97.

(3)

ڪجهه عرصي کانپوءِ مون کي پنهنجي بابت چارٽ پيئي
ته مان ٻن شخصيت جو مالڪ آهيان: هڪ روپ ۾
"ڪُتل ڪل ڪامي" ۽ ٻئي روپ ۾ "ساڌڪ بوجهه
جگياسو" سشما شايد ٻن شخصيت جي
منووگياني مجبورين کي ڪونه ڄاڻندي هئي. ان لاءِ
اڪثر مون کي چوندي رهندي هئي- هنن ٻون
ساڌنائون پوڄائون ڪرڻ ۽ وديا. گيان پراپت ڪرڻ
کانپوءِ به پنهنجن وڪارن کي وس ۾ نه آڻي ڪي
سگهو! انهن ڇوڪرين ۽ عورتن مان آخر توهان کي
ملي ڇا ٿو؟ مان اڪثر ڪيس مذاق واري نوع ۾ جواب
ڏيندو هوس. "سشما پرماتما جي اِها ئي اِڇا آهي.
آتما کي دکي نه ڪر. منهنجو گيان به هُن جي آڌار
آهي ته واسنائون به هن کي ئي اڌارڻ آهن. مان ته
فقط هڪ نمت - مانڌ آهيان!" سُشما ٻڌاوني
غُصو ڪندي چوندي هئي: "گيان جو آڌار وٺي
واسنائن ۽ پاپن کي پرماتما جي اِڇا چوڻ وڏي
۾ وڏو گناهه آهي. ڪجهه ڏکي هلو."
1975 جي مئي ۾ هنبي ۾ سنيل ڄائو ۽ نومبر
۾ مون پنهنجي جڳهه خريد ڪئي. مان سچا سارا
جو ڏهن سال الهاس نگر ۾ مسواڙي جڳهين ۾
پٽڪندو رهيس! پنهنجي جڳهه خريد ڪرڻ ڪري
سشما بيحد خوش هئي.
هڪڙي ڏينهن سشما ڏيرج سان ۽ ڏيمي

لکيون آهن. نا ٽڪ لکيا آهن، گيت ۽ غزل لکيا آهن. پر جيترو ان جو قدر ٿيڻ کپندو هو، نه ٿيو آهي. ان ڪري ڪيترائي دفعا هو واجب ڪاوڙجي ٿي ويندو آهي. ان جي سڀاءَ ۾ چڙ اچي ويندي آهي. هن کي هو اهڙا سچ چٽي ڏيندو آهي. جيڪي سندن منصوبن ۽ گهڻين چالبازين کي ننگو ڪري ڇڏيندا آهن. هو منشي ۽ وير-ورڌ جي ڀاونائن کان ڪافي متاثر آهي.

زندگيءَ هن کي ڪافي ڀوڳايو آهي. موت کي هن تمام نزديڪيءَ کان ڏٺو آهي. پنهنجي عزيز ۾ عزيز ارڌانگنيءَ کي ڪال ديوتا جي هٿن ۾ ويندو ڏٺو آهي. پر پوءِ به هو ٿڪو ناهي ۽ وقت سان مقابل آهي. هون به موت کي تمام ويجهائيءَ کان ڏٺو آهي. موٽي جو ٽوٽائيءَ به موت جي خوفناڪ ڏيک کي ڀوڳيو آهي. مان به اهڙيءَ سگهي اسٿتيءَ مان لنگهيو آهيان. ان ڪري مان ٻيڌيءَ جي Intensive درد کي چڱيءَ طرح محسوس ڪري سگهان ٿو." **پکي اڏامبو ڏيس**" ۾ اسان کوئيءَ جي دردمند دل جو درشن پائي سگهون ٿا. هيءَ رچنا نه نظم آهي ۽ نه نثر. ٻنهي جو سنگم آهي هيءَ رچنا. هندي ساهتيه ۾ اهڙين رچنائن کي "**چنپو** (گدي نظم گڏيل نثر) سڏيو ويو آهي. "پکي اڏامبو ڏيس" حقيقت ۾ "چنپو ڪاويه" آهي.

نئين رکيل مها آهيون جن جو مؤنث ۾ زندگي خاني مسائل کان وڌيڪ اهميت ڪونه ٿو رکي.

ٻه لفظ منوهر بيديءَ لاءِ:

جگديش لکاڻي.

منوهر بيدي منهنجو دوست آهي، متر آهي.
اسان نه معلوم ڪيترا ڪلاڪ، ڏينهن هفتا مهينا ۽ سال ادبي بحثن ۾ گذاريا آهن. ڏهن سالن کان هو منهنجي وڌيڪ ويجهو آهي. 1987 کان جڏهن اسان گڏجي رام-پنجواڻيءَ جي سنگيتمئه جيوني، ٽيلي-سيريل اسڪرپٽ، 13 ڪنڊن ۾ لکي؛ ته کيس وڌيڪ سمجهڻ ۽ پرکڻ جو موقعو مليو. هو هڪ بهو مکي ساهتڪار آهي. هن کي گهڻين ئي ڪلائن جي ڄاڻ آهي. هو فلمي ۽ گيت ۾ گيتڪار ۽ ڪهاڻي-ڪار بڻجڻ ويو هوندو هان وري اداڪار بڻجڻ. ٻئي اُتان ناڪام ٿي موٽيا سين. اسان جي اُها ڊبل پاونا / اڇا نه معلوم ڪيترن سالن بعد موٽ ڪائي، اسڪرپٽ-رائيٽرس جي روپ ۾ ظاهر ٿي. اسان جي گڏيل ڪوشش پنهنجا ن، مان سمجهان ٿو، اسان جي اُنهن ارپت پاونائن کي ڪر پٺي ڪيو آهي

بيديءَ پال. ڪوتائون لکيون آهن، ڪهاڻيون

ھاءِ شڪول ۾ جونئر ڪاليج ۾ منوھر جي بدلي ٿي اچڻ ڪانپوءِ واقفيت دوستيءَ ۾ بدلجي ويئي. ٻنھي دوستن ساڳيئي سال ساڳيئي ئي شڪول ۾ جونئر ڪاليج مان رٽائر ٿيو.

" پکي اُڏامي ڏيس " جو دستخط پڙھڻ ڪانسواءِ فقط اِنڊيڪس وارا صفحا 79 کان 88 پڙھڻ سان ئي سمجھي ويس تہ ڪتاب ۾ ڇا آھي؟ ويچار ھونئہ سمورو ڪتاب پڙھڻ ڪانپوءِ پنھنجو رايو لکان. ليڪن ڪاتب موھن پريتيا ٿيءَ نڪتہ لڳائي ڏني تہ ڇو ٻنھي ڪلاڪن اندر مان پنھنجو رايو لکي ڏيان.

جيڪڏھن مان بي باڪيءَ سان لکڻ چاھيان تہ ائين ئي لکندس تہ ھيءُ دوست ھڪ اڻ گھڙيو ڪاٺ ھو. جنھن کي ٽيپي ٽاڪي ٺيڪ ڪرڻ ۾ سندس پتنيءَ سُشما جو وڏو ھٿ آھي.

ھن وقت ھو جنھن روپ ۾ آھي. اھو پيش ڪري رھي آھي. سندس سگھڙ نُنھن آروتا گريش بيدي.

" پکي اُڏامي ڏيس " پڙھندي ڪيترن ھنڌ پاٺڪن کي ائين محسوس ٿيندو تہ ليکڪ اجايون ٻٽاڪون ھنيون آھن. ائين ھرگز ٿي نٿو سگھي يا ائين ڪيئن ھوندو؟

اھڙا سوال اُٿڻ ڪانپوءِ ورھيا اھي ويچار ۾ اچڻ لڳندا. "ائين ڇو ڪين ٿو ٿي سگھي؟ ڇو ائين ڇو ڪين ھوندو؟"

شيطاني دماغ ۽ انساني دل وارو شخص

ڪمار ٽيجواڻي

موڪلي لکيو هو ”فرشتي جي دل وارو هو“، ليڪن لکجي ويو ”انساني دل وارو“.

هر انسان انساني دل وارو يا انسانيت سان نڀائيندڙ هجي ته پوءِ شيطان، ابليس، فرشتو، ديوتا وغيره لفظ ڪم آڻڻ جي ضرورت ئي ڪهڙي آهي!

ظاهر آهي ته مان اجائي اُپٽار ڪري رهيو آهيان. ورنه شيطان ۽ فرشتي - ٻنهي جون خصلتون هر انسان ۾ موجود آهن. ڪو به انسان مڪمل فرشتو ٿي نه ٿو سگهي ۽ نه اسين ڪنهن به انسان کي سنئون سڌو شيطاني ڪمن لاءِ شيطان سڏي سگهون ٿا.

انسان نه اهڙا ته آهن جن لاءِ چيو ويندو آهي: ”ٻاهران منهن ملوڪ جو، اندر ۾ ابليس.“ هاڻي انهن کي ڪهڙو لقب ڏجي!

دوست منوهر بيدي“ کي لڳي پيو ڏهن ڪان ٿي سڃاڻان، جڏهن کان هن سنڌو نگر اچي وسايو آهي. خاص ڪري ايس. ڊي. اوچاڻي

ٿئي دنيا جيڪا پرپوءَ جي آهي. اوڏانهن هڪ ڏينهن پڪ وڃڻو آهي. پوءِ پلي ڪهڙو ڇو ته هيئنئي وارو ڇو نه هجي. هو ڪيترا به حيلا هلائي اُن کي اَنت ويلي ڪال جي چنبي مان بچائي نٿو سگهي. شاعر به پنهنجي ٽپڻيءَ کي اُنت سميه ۾ بچائڻ لاءِ سوين ٻڌ ڪيا. پر هوءَ (ٽپڻي) شاعر کي اڪيلو ڇڏي دُور ديش ڏانهن ڦُر ڪري اُڏامي وئي. شاعر وائڙن جيان ڳوڙها ڳاڙيندو رهجي ويو ته: ٽپڻي ٽپڻيءَ جو انتم آڌار آهيا. جيئن جوانيءَ ۾ محبوبا ۽ ننڍپڻ ۾ ماءُ.

شاعر ٽپڻيءَ کي سوز ڀريل نغمن جي ڪونتائن سان انتم شرڌانجلي ڏني آهي. هن جي ديوانگي جي پيڙا هن ڪتاب جي روپ ۾ پرگهٽ ٿي آهي.

هن گيتن کي اگر ساز جي سُر ملي وڃن ته پوءِ ڇگن پلن جي اکين مان آنسن جي گنگا وهي ڇني. هر هڪ گيت سوز سان ڀريل آهي. جنهن ۾ ٽپڻي ٽپڻيءَ جو پيار ۽ وڇوڙو بخوبي پيش ڪيل آهي. شاعر گيتن ٿي پنهنجي قلم سان ويو آهي وارڻ ڪندو. هن جي محنت رنگ لاهيندي، اجائي نه وينديءَ. هن چار چپل گيت سورج جي روشنيءَ وانگر هڪ ڏينهن سڀني جهانن ۾ روشن ٿيندا.

اُن سان گڏ شاعر حصو نثر جي روپ ۾ جو لکيو آهي. جنهن ۾ شاعر پنهنجي جيون جو سڄو اتهاس بخوبي اثردار نموني پيش ڪيو آهي. هو اڄ ۾ ڪيئن هو؟ شادي کان پوءِ هن جي زندگيءَ ۾ ڪيئن اُٿل پٿل آئي؟ هاڻي هن جو وقت ڪيئن ٿو گذري؟ ان مان هن جي جيون جي سچائي ظاهر ٿئي ٿي. ته هو شخص ڪهڙي شخصيت جو مالڪ آهي.

دستخط پڙهڻ ڪانسواءِ مان جيڪڏهن ائين چئبي سگهان ٿو ته ڇا ڪنهن ڪتاب پڙهي پورو ڪرڻ ڪانسواءِ ڪيئن رهي سگهندا ؟

دوست منوهر بيديءَ هن وقت تائين جيڪي به ڪتاب ڇپائي ظاهر ڪيا آهن، انهن مان هيءُ 'پکي اُڏامي ويس' يادگار پستڪ ٿي رهندو.

هن وقت تائين هن جي ڪيتري قدرشناسي ٿي آهي. ان جي هن دوست ڪاڻ پرواهه ڪانه ڪئي آهي. هن وقت انتڪال هڪ سؤ دستخط موجود آهن. جي اڳتي هلي ضرور ڇاپي هيٺ ايندا. ان لاءِ هن ڪلپنا ساگر ۾ ٽٻيون هڻندڙ دوست جون وڏيون ڪلپنائون آهن. ۽ هيءُ سنسار هلي به ته ڪلپنائن تي. ٿو نه!

ڪلپنائون ڪڏهن ٿيون حقيقت جو روپ وٺن، ان جو انت ظاهر ته ڪرڻو ٿئي پوندو. ڇا ايترو ڪافي نه آهي؟ ۽ بس.

ڪمار ٽيجواڻي.
A-202، هرشا اپارٽمينٽس
سنڌو نگر - ٤٢١٠٠١
٢٥ ڊسمبر ١٩٩٧

مُنهنجي نظر ۾ :

موهن پرٽياڻي.

"پکي اُڏامي ويس" سچ پچ هر هڪ انسان پکيءَ جو روپ آهي. پکيءَ کي آخرڪار هيءَ دنيا ڇڏڻي

دل سان ۽ سَنِي ڀاونائن سان هيءُ ڪتاب پڙهندا ته
اوهان جي اکين مان به آنسون وهي ايندا. اُهو گهر ڪونهي
جنهن گهر مان ڪو نه ڪو پکي اُڏامي ويو هجي. واندڪائيءَ جي
وقت توهان وقت ڪڍي هڪ وار ضرور پڙهجو. "پکي اُڏامي ويو ديس".

سهڪار پبليڪيشن، اُلهاس نگر جو ائون پستڪ

" پکي اُڏامي ويو ديس : ڪٿا - ڪاويه."

رچناڪار	منوهر ٻيدي.
ڀومِڪا	جگديش لڇاڻي، ڪمار ٽيجواڻي، موهن پرتياڻي.
پرڪاشڪا	آشوتا ٻيدي. ايم ڪام. ايم اي، بي. ايڊ. سهڪار پبليڪيشن، 201 پرڀو آستا، راشن آفيس، اُلهاس نگر - 421005.
ڪاتب	موهن پرتياڻي. بئرڪ نمبر 52 روم - 7، اُلهاس نگر - 421001.
آفسيٽ پرنٽنگ	"نو رنگ" آفسيٽ پرنٽنگ، 48، ٻيون مارڪو، پرنس مارڪيٽ، اُلهاس نگر - 421003.
ڪور پيج	سُشيل ٻيدي.
پرڪاشن	ڊسمبر 1997.
حق واسطا	پرڪاشڪا جي اڌين.
قيمت	40/= روپيا Rs. 40/=

پکِي اُڏاميو ديسِ

(هوءَ، توُنُ ۽ مان)



شاديءَ جي ٻئين ڏينهن Oct. 60 منوهر ـ سُشما